REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 12 مارچ 2024ع بمطابق پهرين رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 287

اسد طور خلاف ڪارروائي، هي ته عدليا جي ڪلهي تي رکي بندوق هلائي وئي آهي: چيف جسٽس

هي ڪهڙي قسم جو آءِ جي آهي؟ ان آءِ جي کي هٽائڻ گهرجي، چار سال ٿي ويا، ڇا توهان کي چار صديون گهرجن؟، سڄو ملڪ توهان جي ڪارڪردگي ڏسي رهيو آهي: چيف جسٽس

آءِ جي اسلام آباد جي رويي مان لڳي ٿو ته هو سهولتڪاري ڪري رهيو آهي، ڪنهن صحافي کي گولي هٽي ڇڏيو، ڪنهن ته تشدد ڪيو، ڪنهن کي ڪٽيو، سيف سٽي ڪئميرائون خراب ٿي ويندين آهن

اسد طور خلاف ڪيس ۾ سنگين نوعيت جا قلم لاڳو ڪيا ويا آهن، حساس ڀاڙ سميت ٻيا قلم ڪيئن لاڳو ٿيندا آهن؟ انڪوائري نوٽيس ۾ لکيو ويو ته عدليا خلاف مهر ٿي طلب ڪيو پيو وڃي

سپريم ڪورٽ جي ڪنهن به جج ۽ نه رجسٽرار ايف آءِ اي کي شڪايت ڪئي، سپريم ڪورٽ جو نالو استعمال ڪري تاثر ڏنو ويو ته جڻ عدليا جي چوڻ تي ڪارروائي ٿي

ائين ته عوام ۾ عدليا جو اميج خراب ٿيندو، ڇا اسان عدليا کي بدنام ڪرڻ تي ايف آءِ اي خلاف ڪارروائي ڪرائي سگهون ٿا؟ ايف آءِ اي جا لاڳاپيل آفيسر پاڻ عدليا جي بدنامي جو سبب بڻجي رهيا آهن

اسلام آباد (ر ڊ) چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ صحافين کي هراسان ڪرڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 3 رڪني ٻنچ صحافين کي ايف آءِ اي نوٽيس ڏيڻ ۽ هراسان ڪرڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس آءِ جي ڪئي. ٻڌڻي اسلام آباد ٽي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

19 رڪني وفاقي ڪابينا حلف کڻي ورتو، محسن نقوي، احد چيما، محمد اورنگزيب به شامل

ايوان صدر ۾ حلف برداري تقريب دوران 19 رڪني وفاقي ڪابينا حلف کڻي ورتو. تقريب جي صدر شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. پوءِ صدر وفاقي ڪابينا کان حلف ورتو

حلف برداري واري تقريب ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف، هٿياربند فوج جي اعليٰ آفيسرن سميت اسلام آباد ۾ مقرر غيرملڪي سفارتڪارن، قومي اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

ڪابينا ۾ خواجا آصف، احسن اقبال، راڻا تنوير، اعظم نذير تارڙ، جام ڪمال، اويس لغاري، عطاالله تارڙ، شزا فاطمه، قيصر شيخ، رياض پيرزادا، محمد اورنگزيب، خالد مقبول صديقي شامل

امير مقام، احد چيما، احسن اقبال، اسحاق ڊار، چوڌري سالڪ، خالد مقبول صديقي ۽ محسن نقوي به حلف ڪنيو، 13 قومي اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻن سينيٽرن کي وفاقي ڪابينا جو حصو بڻايو ويو

3 اڻ چونڊيل شخصيتون به وفاقي ڪابينا جو حصو آهن. اڻ چونڊيل شخصيتن ۾ محمد اورنگزيب، محسن نقوي ۽ احد چيما شامل آهن، جن کي وزير طور حلف ڪٽايو ويو

انهن کي ڪابينا جو حصو رهڻ لاءِ اينڊڻ 6 مهينن ۾ قومي اسيمبلي يا سينيٽ جو ميمبر چونڊجڻ لازمي آهي. وزيراعظم شهباز شريف حلف کڻڻ کان پوءِ وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (ر ڊ) 19 رڪني وفاقي ڪابينا ايوان صدر ۾ حلف ڪٽي ورتو، ايوان صدر ۾ حلف برداري تقريب ٿي. جنهن ۾ شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. پوءِ صدر آصف زرداري 19 رڪني وفاقي ڪابينا کان حلف ورتو. تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف، احسن اقبال، راڻا تنوير، اعظم نذير تارڙ، جام ڪمال/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02 شريف سميت ٻين اسيمبلي ميمبرن به شرڪت ڪئي. ڪابينا ۾ خواجا آصف،

52 سينٽر رٽائرڈ اليڪشن ڪميشن جو 48 سينيٽ سيٽن تي 2 اپريل تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان

سينيٽ چونڊن جو شيڊيول 14 مارچ تي جاري ڪيو ويندو، 48 سيٽن تي چونڊون ٿيندين: اليڪشن ڪميشن

فاٽا جون 4 مخصوص سيٽون ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سينيٽ جون ڪُل سيٽون 100 مان گهٽجي 96 ٿي ويون آهن

رٽائر ٿيندڙ سينيٽرن ۾ ن ليگ جي حمايت سان چونڊيل 13، پ پ جا 12، پي ٽي آءِ جا 8 سينيٽر شامل


اسلام آباد (ر ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان سينيٽ چونڊون 2 اپريل تي ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيو ويندو. اليڪشن ڪميشن موجب 2018/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05 چيو ويو آهي ته سينيٽ چونڊن جو شيڊيول 14 مارچ تي جاري ڪيو ويندو. 48 سيٽن تي چونڊون ٿيندين: اليڪشن ڪميشن

وفاقي حڪومت عوام جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيدگي سان قدم کڻندي: عطاءُ الله تارڙ

اسان کي حڪومتي خرچن کي گهٽ ڪرڻو آهي، ملڪي معيشت ۾ بهتري آڻڻي آهي

اسان اڳ ۾ به مشڪلاتن جو مقابلو ڪيو آهي. معاشي مشڪلاتن جي خاتمي لاءِ قدم کڻنداسين

وزيراعظم اڄڪلهه جي حڪمت عملي ڏينڊو، اسان ان تي عملدرآمد يقيني بڻائينداسين: صحافين سان گالهيون



وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (ر ڊ) وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ڇيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06 وزيراعظم پاران پاڪستان ۽ سعودي عرب جي ٻطرفن لاڳاپن کي اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي حصيداري ۾ تبديل ڪرڻ ترجيح قرار اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب جي ٻطرفن لاڳاپن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وزيراعظم جي واهپيدارن کي گئس ۽ بجلي جي بنا وقفي فراهمي جي هدايت

پيٽروليم شعبي جي حوالي سان اجلاس، وزيراعظم صدارت ڪئي، بجلي جي فراهمي تي غور ويچار

واهپيدارن کي بجلي ۽ گئس جي بنا وقفي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، واهپيدارن کي سستي ايل پي جي ملي: وزيراعظم

گئس تي سمارٽ ميٽرنگ سان خساري کي گهٽ ڪيو وڃي ۽ ايل پي جي، شعبي جي سخت نگراني يقيني بڻائي وڃي



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پيٽروليم شعبي جي حوالي سان اسلام آباد ۾ اجلاس ٿيو. جنهن ۾ وزيراعظم ٽيل ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01 صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاران عوامي نيشنل پارٽي جي سربراهه اسفنديار ولي جي گهوراري ۽ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار اسلام آباد (ر ڊ) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

گهر تباهه ٿي ويو، پار مصيبت ۾ آهن، مجبور ٿي عدالت اچڻو پيو: خاور مانيڪا

پهريان هن کي خبر نه هئي ته لڪي نڪاح ڪيو ويو آهي، لڪي نڪاح ڪرڻ شريعت جي خلاف آهي، پار به پريشان آهن

ڇا ملازم محمد لطيف اوهان کي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو نه ٻڌايو؟ (صحافي) ملازم اشارو ئي ڪري سگهي ٿو خاور مانيڪا

پارن کي سندس ۽ بشريٰ بي بي جي طلاق جي جاڻ نه هئي ۽ نه ئي ڪين خبر هئي ته بشريٰ بي بي ۽ عمران خان لکي نڪاح ڪيو آهي

اسلام آباد (ر ڊ) بشريٰ بي بي جي اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا چيو آهي ته عدت ۾ نڪاح وارو ڪيس سياسي نوعيت جو نه آهي، سندس گهر تباهه ڪيو ويو انڪري مجبورن ۾ عدالت اچڻو پيو. اسلام آباد ۾ ميديا سان گالهائيندي بشريٰ بي بي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

وزيراعظم جي جعلي ڪابينا غير آئيني نگران حڪومت جو تسلسل لڳي رهي آهي: پي ٽي آءِ ترجمان

معيشت کي تباهه ڪندڙ ذميوارن کي اهم عهدن تي مقرر ڪرڻ عوام دشمني ڪانسواءِ ڪجهه ناهي

پي ڊي ايم حڪومت جي 100 رڪني ڪابينا جي ڪارڪردگيءَ جي قيمت قوم ادا ڪري رهي آهي

محسن نقوي کي وفاقي ڪابينا ۾ شامل ڪرڻ نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن جي غير آئيني ڪردار جي تصديق ڪري ڇڏي آهي



اسلام آباد: صدر جي گارڊ آف آنر جي تقريب ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پينرن سان گڏ ويندل آهي

اسلام آباد (ر ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف وفاقي ڪابينا جي حلف برداري تي ردعمل ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08 وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد جي ملاقات اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

آصفا ڀٽو کي فرسٽ ليڊي بڻائڻ بابت خبرون وائرل

آصفا ڀٽو کي خاتون اول جو پروٽوڪول ڏنو ويندو: ذريعا

هو پهرين خاتون اول هوندي جيڪا صدر جي ڏيءَ آهي

ڪراچي (رپورٽر) صدر آصف علي زرداري پاران ڏيءَ آصفا ڀٽو کي فرسٽ ليڊي بڻائڻ جي فيصلي جي حوالي سان خبرون گردش ۾ آهن. مختلف خابرو ادارا ذريعن وٽان ٻڌائي رهيا آهن ته آصفا ڀٽو زرداري کي خاتون اول جو درجو ڏنو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

صدر آصف علي زرداري جي مان ۾ گارڊ آف آنر

هٿياربند فوج جي جٿن صدر کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو

صدر آصف علي زرداري گارڊ آف آنر لاءِ بگيءَ ۾ سوار ٿي آيو

جتي هٿياربند فوج جي جٿن صدر آصف علي زرداري کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو. صدر آصف علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10 اسلام آباد (ر ڊ) صدر آصف علي زرداري جي مان ۾ گارڊ آف آنر جي تقريب ٿي گذري. ايوان صدر اسلام آباد ۾ گارڊ آف آنر جي تقريب ٿي.



اسلام آباد: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جسٽس نعيم اختر افغان کان حلف وٺندي

جسٽس نعيم اختر افغان سپريم ڪورٽ جي جج طور حلف کڻي ورتو

حلف برداري تقريب ۾ ججن، وڪيلن، بار ڪائونسل جي نمائندن ۽ ٻين جي شرڪت

تازو رٽائر ٿيندڙ جج جسٽس سردار طارق مسعود به خاص طور شرڪت ڪئي

اسلام آباد (ر ڊ) جسٽس نعيم اختر افغان سپريم ڪورٽ جي جج طور حلف ڪٽي ورتو. تقريب سپريم ڪورٽ ۾ ٿي. جنهن ۾ سپريم چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪانئس حلف ورتو. جسٽس نعيم اختر افغان جي حلف برداري تقريب سپريم ڪورٽ ۾ ٿي. جنهن ۾ سپريم ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ ۾ رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر اچي ويو، اڄ پهرين روزو

مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو اجلاس پشاور ۾ مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت هيٺ ٿيو

رمضان جو چنڊ نظر اچڻ جي پهرين شهادت لاهور مان وصول ٿي

پشاور (ر ڊ) ملڪ ۾ رمضان المبارڪ 1445 هجري جو چنڊ نظر اچي ويو ۽ سياٽي اگاري ٽي پهرين روزو هوندو. رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ لاءِ مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو اجلاس پشاور ۾ مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت هيٺ ٿيو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نئون ديرو: 2 ناربن ڪارنهن الزام هيٺ مارڻ بعد ٽيون لاش هٿ

فوتي جي سياٽ 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل ڇوٽ منو کهڙو واسي نسير کهڙو طور ٿي

نسير کهڙو کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيو ويو هو: علاقتي ۾ چوپول

نئون ديرو (ر ڊ) نئين ديري جي پير جان محمد وٽ دادو ڪٽنال پل تان نوجوان جو لاش هٿ ڪيو ويو، فوتي جي سياٽ 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل ڇوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21



لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز اجلاس جي صدارت ڪندي

رمضان المبارڪ ۾ بئنڪن جا نوان وقت جاري ڪيا ويا

سومر کان خميس تائين صبح 9 کان سادي 3 وڳي تائين هوندو

جمعي تي عوامي ڏي وٽ سادي اٺين وڳي کان هڪ وڳي تائين هوندي

خميس تائين آفيسن جو وقت صبح 9 کان منجهند سادي 3 وڳي تائين هوندو. جڏهن ته نماز جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پهرين رمضان جي رات به غزه تي بمباري، 25 ڄڻا شهيد ٿي ويا

اسرائيل جي حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 13 هزار کان وڌي ويو

النصيرات پناهگير ڪيمپ ۽ المواسي ۾ بمباري، 15 ڄڻا شهيد ٿي ويا: فلسطيني ميڊيا

ڪراچي (رپورٽر) پلاري مهيني رمضان المبارڪ جي پلاري جي پهرين رات ۾ غزه تي وحشيانا حملا ڪيا آهن. گذريل 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 85 فلسطيني شهيد ۽ 130 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن. يهودي فوج فلسطينين کي گهر ۾ داخل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

آسڪرز ايوارڊ تقريب اسرائيلي ظلمن خلاف فنڪارن جو احتجاج، فلسطين جي آزادي جا نعرا

ڪيترن ئي فنڪارن اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ جنگبندي لاءِ ڳاڙهين پنن کي لباس جو حصو بڻايو

غزا ۾ ترت ۽ مستقل جنگبندي جو مطالبو ڪيون ٿا، هن ويڙهه ۾ هر هڪ جو تحفظ چاهيون ٿا: رامي يوسف

آسڪرز ايوارڊ جي موقعي تي فلسطين جي حق ۾ مظاهرا ڪندڙ تنظيم پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪراچي (ر ڊ) 96 هين اڪيڈمي (آسڪرز) ايوارڊز جي موقعي تي ڪيئي مشهور فنڪار غزا ۾ جنگبندي لاءِ پنهنجي لباس تي گاڙهي پٽن لڳائي ريڊ ڪارپٽ تي جلوا وکيريا. هالي ووڊ اداڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13 استار مارڪ ريفلو گاڻٽي ٻڌي ائلش ۽ مزاحيه

شهباز شريف فضل الرحمان کي مينيج نه ڪري سگهيو ته حڪومت نه هلي سگهندي: فواد چوڌري

فضل الرحمان جيڪڏهن لانگ مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو ته حڪومت اڄڪلهه نه وڌي سگهندي

اسان به فارم 47 جي ايم اين اي ٿي پئي سگهياسين پر اسان جو پنهنجو رستو آهي، جنهن جي سزا ملي رهي آهي

سپ ڪيس ختم ٿيندا ته 9 مئي واقعن تي ڪيس شروع ٿي ويندا: عدالت باهران ميڊيا سان گالهيون



پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري

اسلام آباد (ر ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري دعويٰ ڪئي آهي ته شهباز شريف جيڪڏهن فضل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14 صدر آصف علي زرداري کي تاجڪستان جي صدر جي ٽيليفون، صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد، تاجڪستان جي دوري جي دعوت اسلام آباد (ر ڊ) صدر آصف علي زرداري کي تاجڪستان جي صدر امام علي رحمان ٽيليفون ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بين پارٽين ڪي ن ليگ کان وڌيڪ مخصوص سيٽون ڏنيون ويون، ثوبيا شاهد

اليڪشن ڪميشن بين سياسي پارٽين کي مسلم ليگ ن کان وڌيڪ مخصوص سيٽون ڏنيون

اليڪشن ڪميشن جي يو آءِ کي 10 ۽ ن ليگ کي 7 سيٽون الاٽ ڪيون آهن: ميڊيا سان گالهيون

پشاور (ر ڊ) مسلم ليگ (ن) جي خيبرپختونخواهه اسيمبلي ميمبر ثوبيه شاهد چيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سينيٽ جي 6 خالي سيٽن تي ضمني چونڊ 14 مارچ تي ٿيندي

اليڪشن ڪميشن طرفان سينيٽ جي خالي سيٽن تي اليڪشن شيڊيول جاري ڪيو ويو

يوسف رضا گيلاني، عبدالغفور حيدري ۽ نثار کهڙي جي خالي ڪيل سيٽن تي چونڊ ٿيندي

جام مهتاب، پرنس احمد عمر ۽ سرفراز بگٽي جي خالي سيٽن تي به اليڪشن ٿيندي

اسلام آباد (ر ڊ) سينيٽ جي 6 خالي سيٽن تي ضمني چونڊ 14 مارچ تي ٿيندي. اليڪشن ڪميشن طرفان سينيٽ جي خالي سيٽن تي اليڪشن شيڊيول جاري ڪيو ويو آهي. جنهن موجب 14 مارچ خميس ڏينهن انهن سيٽن تي اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

جي يو آءِ پاران چونڊ نتيجن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو

مرڪزي قيادت سڄي ملڪ مان احتجاجي جلسن ۽ مظاهرن جي شيڊول لاءِ تجويزون طلب ڪري ورتيون

حڪومت کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ عيد کان فورن بعد وڏي پيماني تي چٿني صوبن ۾ احتجاج ڪيو ويندو

مولانا فضل الرحمان عام چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي تي نتيجن کي رد ۽ اپوزيشن ۾ ويهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو



جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان

پشاور (ر ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) چونڊ نتيجن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30 ڪراچي ايئرپورٽ جي پارڪنگ فيس ۾ 8 سالن کان پوءِ 10 رپين جي واڌ ڪئي وئي ڪراچي (رپورٽر) جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي ڪار پارڪنگ فيس ۾ تقريبن 8 سالن کانپوءِ، 10 رپين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جي يو آءِ جي مخصوص سيٽ تي اڏاتل عورت جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري

اليڪشن ڪميشن صدف احسان نالي عورت جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن خيبرپختونخواه ڪان جاري ڪيو

صدف احسان نه پارٽي ميمبر آهي ۽ نه اهو نالو اسان جي فهرست ۾ شامل آهي: مولانا فضل الرحمان

نوٽيفڪيشن غلطي سان جاري ٿيو يا ملي پڳٽ سان؟ اڏاتل عورت جي نوٽيفڪيشن جي جاچ ڪرائي وڃي

اسلام آباد (ر ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ڪوٽا تي اڏاتل عورت جي مخصوص سيٽ تي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن صدف احسان نالي عورت جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

گڈيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پاران رمضان المبارڪ ۾ غزه ۾ جنگ بندي جو مطالبو

رمضان جو مقدس مهينو شروع ٿي ويو آهي جيڪو مسلمانن جي امن ۽ سلامتي کي فروغ ڏئي ٿو، انتونيو گوتريس

مقدس مهيني ۾ به غزه ۾ بمباري، خونريزي ۽ قتل عام جاري آهي، رمضان المبارڪ جو احترام ڪندي غزه ۾ جنگبندي ٿي عمل ڪيو وڃي

غزه تائين امداد پهچائڻ ۾ رڪاوٽون هٽايون وڃن ۽ غزه مان يرغمالين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي



گڈيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس

ڪراچي (ر ڊ) گڈيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس رمضان جي مهيني دوران غزه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16 آمريڪي صدر جو بائيڊن پاران مسلمانن کي رمضان جي مهيني جي مبارڪباد اسلام آباد (ر ڊ) آمريڪي صدر جو بائيڈن مسلمانن کي رمضان جي مهيني جي مبارڪباد ڏني آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آمريڪا صدارتي چونڊن ۾ مداخلت ڪئي ته اها جارحيت هوندي: روس

آمريڪي صدر جو بائيڊن روس جي صدارتي چونڊن ۾ مداخلت جي تياري مڪمل ڪري ورتي آهي: انٽيليجنس ايجنسي

واشنگٽن طرفان چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ آن لائن ووٽنگ سسٽم تي سائبر حملي جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي

جو بائيڊن آمريڪي اين جي اوز کي روس ۾ صدارتي چونڊن ۾ گهٽ ٽرن آئوٽ جو تاسڪ ڏنو آهي



ماسڪو: روس جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ميديا کي بريفنگ ڏيندي

ماسڪو (ر ڊ) روس پنهنجي امڪاني صدارتي چونڊن ۾ آمريڪا تي مداخلت جو الزام هڻندي خبردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26 پاڪستان سان گڏ پارٽ ۽ بنگلاديش ۾ به چند نظر اچي ويو، اڄ پهريون روزو هوندو ڪراچي (ر ڊ) پارٽ ۽ بنگلاديش ۾ به رمضان جو چند نظر اچي ويو ۽ اڄ پهريون روزو هوندو، پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪي پي ڪي ۾ پارن کي پوليو جا قطرا نه پيئارينڊڻ جا سچاٽ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو

ڪي پي جي صحت واري وزير قاسم علي شاهه صحت جو قلمدان سنڀاليو ته هيلٿ سيڪريٽري محمود اسلم وزير ڪيس مختلف معاملن ته بريفنگ ڏني

جيڪو پارن کي پوليو جا قطرا نه پيئارينڊن، ان جو سچاٽ ڪارڊ بلاڪ ڪنداسين: صوبائي وزير قاسم علي شاهه

پشاور (ر ڊ) خيبر پختونخواهه حڪومت پارن کي پوليو جا قطرا نه پيئارينڊڻ جا سچاٽ ڪارڊ بلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عوام کي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ پارٽي جون سخت هدايتون آهن: حاجي رسول بخش چانڊيو

هاڻي چونڊن ۾ ڪامياب اهو ٿيندو جيڪو عوام سان رابطي ۾ هوندو ۽ عوام جا ڪم ڪندو

بدين ضلعي جي غريب ماڻهن جي پارن کي نجي تعليمي ادارن ۾ ڪوٽا ڏيارڻ ۽ ان تي عملدرآمد ڪرائڻ جي لاءِ سخت قدم کنيا ويندا

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ هارين جي لاءِ ڪيترين ئي سهولتون آهن پر ان سهولت کي وڌايو ويندو

اسلام آباد (ر ڊ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو چيو آهي ته بدين ۾ ترقياتي ڪم پهرين ترجيح آهن، عوام کي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ پارٽي جون سخت هدايتون آهن، بدين ۾ عورتن ۽ پارن لاءِ پارڪ سميت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جي يو آءِ پاران چونڊ نتيجن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو

مرڪزي قيادت سڄي ملڪ مان احتجاجي جلسن ۽ مظاهرن جي شيڊول لاءِ تجويزون طلب ڪري ورتيون

حڪومت کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ عيد کان فورن بعد وڏي پيماني تي چٿني صوبن ۾ احتجاج ڪيو ويندو

مولانا فضل الرحمان عام چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي تي نتيجن کي رد ۽ اپوزيشن ۾ ويهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان

پشاور (ر ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) چونڊ نتيجن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30 ڪراچي ايئرپورٽ جي پارڪنگ فيس ۾ 8 سالن کان پوءِ 10 رپين جي واڌ ڪئي وئي ڪراچي (رپورٽر) جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي ڪار پارڪنگ فيس ۾ تقريبن 8 سالن کانپوءِ، 10 رپين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي جي سنڌي وسندي سچل ڳوٺ ۾ ٺهيل جي ايم سيد جي نالي جو نالو مٽائڻ جي مذمت

پيپلزپارٽي جي بلدياتي نمائندن خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران احتجاج رڪارڊ

غلام شبير راڄپر، فاروق پنگوار، محبوب علي ڪوسو، مير حاصل مري، ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاج ڪيو

جي ايم سيد جي نالي سان ٺهيل گرائونڊ جو نالو تبديل ڪري ملٽي پرپز اسپورٽس رکيو ويو آهي: اڳواڻ

ملير (رپورٽر فاروق پنگوار) ڪراچي جي سنڌي وسندي سچل ڳوٺ ۾ ٺهيل جي ايم سيد جي نالي واري گرائونڊ جو نالو مٽائي ملٽي پر پز اسپورٽس رکيو ويو آهي، اهڙي ڪريل حرڪت ڪندڙ پيپلزپارٽي جي بلدياتي نمائندن خلاف سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



ملير: سائين جي ايم سيد جي نالي واري گرائونڊ جو ڏيک، ٻئي طرف شهري پنهنجا ويچار ونڊيندي

ميرپورماٿيلو واسي هندو نوجوان رتڪ ڪمار جي بازيابي توڙي بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

هندو برادري جي ماڻهن توڙي سول سوسائٽي پاران سورج ڪمار، ماڏا رام، مکي چندر بان جي شرڪت

استاد ڪرشن لال، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

پوليس بدامني تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، اغوا، قتل ۽ ڦرن جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن

خانپورمهر (رپورٽر: آفتاب سيال) ميرپورماٿيلو واسي هندو نوجوان رتڪ ڪمار جي بازيابي توڙي بدامني خلاف خانپورمهر ۾ هندو پنچائت توڙي سول سوسائٽي پاران احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو ، خبرموجب ميرپورماٿيلو واسي نوجوان رتڪ ڪمار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور جي تعلقي ڳڙهي
ياسين جي رهواسي پيار
جو پرڻو ڪري ڇڏيو

سکر (بيورو رپورٽ) شڪارپور جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي رهواسي نجف علي راڄڙ، مسمات شازيہ پٽي جسٽس آف پيس جي اجازت سان پسند جي شادي ڪري ورتي، گذريل ڏينهن صحافين سان ڳالهائيندي پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي نجف علي راڄڙ ۽ مسمات شازيہ پٽي جو چوڻ هو ته ٻني پنهنجي رضا خوشي سان جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07


خانپور: اغوا ٿي ويل رتڪ ڪمار جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊي سي شهيد بينظيرآباد پاران واپاري تنظيمن ۽ ڪنزيومر ايسوسي جي صلاح سان اگهن بابت نوٽيفڪيشن جاري

دال ماش في ڪلو 470 روپيا ، دال منگ ڌوتل هڪ نمبر 320 روپيا في ڪلو، دال مگ ڌوتل 270 روپيا في ڪلو مقرر

دال مگ ثابت 270 روپيا في ڪلو، دال مگ ڇلڪا 380 روپيا ڪلو، دال مسور (اي) في ڪلو 320 روپيا مقرر ڪيو ويو

مقرر ڪيل اگهن تي شيون خريد ڪن اگر ڪو به دڪاندار وڌيڪ اگهه وٺي ته ان جو اطلاع انتظاميه کي ڏنو وڃي: زاهد حسين رند

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪماراوڙ) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد زاهد حسين رند پاران مارڪيٽ سروي، واپاري تنظيمن ۽ ڪنزيومر ايسوسي ايشن جي گڏيل صلاح سان رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني دوران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ عام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڊي سي سجاول گورنمينٽ مين پرائمري چانديه اسڪول جي پلاٽ تي قبضن جو نوٽيس ورتو

عبدالواجد شيخ سجاول شهر جي مين گورنمينٽ پرائمري چانديہ اسڪول جو دورو ڪري ليٽر جاري ڪيو

مختيارڪار سجاول جي نگراني ۾ اسڪول جي آس پاس ٿيل غيرقانوني قبضن خلاف ڪاروائي شروع ڪئي وئي

ايشين ڊولپمينٽ بينڪ پاران نئون چانديه هاءِ اسڪول جي نالي سان پروجيڪٽ ڏنو، ڪم شروع ٿي چڪو آهي: عملدار

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) ڊپٽي ڪمشنر سجاول عبدالواجد شيخ گورنمينٽ مين پرائمري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز جي ڪاليج روڊ
تي مسجد قائم آل محمد مان چور
سولر جي بيٽري چوري ڪري ويا

نوشهرو فيروز (ڊر) نوشهرو فيروز جي ڪاليج روڊ تي مسجد قائم آل محمد مان چور سولر جي بيٽري چوري ڪري ويا مسجد جي متولي مهدي حسن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12


سجاول: سرڪاري اسڪول جي پلاٽ تان عملدار قبضا هٽرائي رهيا آهن

مٽياري پرسان ڳوٺ موليڏنو واسي نوجوان وڻ ۾ ڦاهو ڪائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

25 سالا نوجوان سعيد سولنگي پٽ غلام علي سولنگي وڻ ۾ ڦاهو ڪائي انت آڻي ڇڏيو

واقعي ڪانپوءِ مٽياري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال کڻائي آئي

آخري اطلاع موجب مٽياري پوليس واقعي جو اڃا تائين ڪو به ڪيس وغيره داخل ناهي ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٽياريءَ ويجهو نوجوان گهرو اڻبڻت تان ڦاهو ڪائي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام متل ، واقعي جو اڃا ڪو به ڪيس وغيره داخل ناهي ٿيو، خبر موجب مٽياريءَ پرسان ڳوٺ موليڏنو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڳاجي ڪهاوڙ جي ڳوٺ رهمو ڪوسو ۾ بيدردي سان قتل ٿيل نينگري جي جوابدارن خلاف احتجاج

دادو ۾ ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم سي آر سي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نياز چانديو، محمد بخش ڪورائي، ساجد مستوئي، محمد وسيم ڪوڪر، دانش خشڪ، الطاف عباسي شريڪ ٿيا

عبيد چانديو ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سي آر سي آفيس کان مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو شديد نعريبازي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڳاجي ڪهاوڙ ٿاڻي جي حد ڳوٺ رهمو ڪوسو ۾ بيدردي سان قتل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ماتلي جي فضل ٽائون ۾ گٽر
نالا اٿلي پيا گندو ۽ بدبودار
پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ لڳو

ماتلي (رپورٽر) ماتلي جي فضل ٽائون ۾ گٽر نالا اٿلي پيا گندو ۽ بدبودار پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ لڳو رهواسي پريشان تفصيل موجب ماتلي جي فضل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



دادو: مقتول نينگري بشيران ڪوسو جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر ۾ پيرا ڪٽڻ تان جوابدارن پاران مشهور پيري کي ڌمڪيون، احتجاجي مظاهرو

مشهور پيري نيڪ محمد رند جي زندگي خطري ۾ چورن جا پير ڪٽڻ تي چورن پاران ڌمڪيون ملڻ لڳيون

پوليس ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ ٻاڳين کي ڪوڙا دلاسا ڏئي مسڪين جي پويان ٻاهه ٻاري ڇڏي آهي: نيڪ محمد رند

موٽمار ڌمڪيون ڏيندڙن ۽ مويا پوليس خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويندي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر ميرحسن رند) مشهور پيري نيڪ محمد رند جي زندگي خطري ۾ چورن جا پير ڪٽڻ تي چورن پاران ڪيس موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعي جي مويا ٿاڻي جي ايس ايڇ او غلام نبي پٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي ۾ دوائن جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ فارمن ملازمن جي تنظيم جون ساليانې چونڊون

اليڪشن ڪميشن جي چيئرمين سليم ترين ۽ وائيس چيئرمين جميل ڪٽي جي سرپرستي ۾ ٿي گذريون

چيئرمين جي عهدي تي سرگرم سماجي اڳواڻ مرتضيٰ شاهه وائيس چيئرمين تي نورالدين بروهي چونڊيا ويا

خميسو بروهي احمد جاکرو ۽ ٻين پاران نون چونڊيل پيڪٽ جي عهديدارن کي ڪاميابي جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ٺٽو (ڊر) دوائن جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ فارمن ملازمن جي تنظيم پيڪٽ ٺٽو جون ساليانې چونڊون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گلشن حديد ۾ شاپنگ مالز لڳ
موٽر سائيڪل چوري معمول
بڻجي وئي، اختياريون خاموش

ملير (ڊ ر) گلشن حديد ۾ شاپنگ مالز لڳ موٽر سائيڪل چوري معمول بڻجي وئي، ملير هيومن رائيٽس تحريڪ جي صدر رميش ڪمار اوڏ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



ٺٽو: دوائن جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙن جا چونڊيل عهديدار بيٺل آهن

ڊي سي شهيد بينظيرآباد پاران کاڌي
پيتي جي شين ۾ ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ
شڪايتي ڊيسڪ قائم

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪماراوڙ) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد زاهد حسين رند پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني دوران عوام کي کاڌي پيتي جي شين ۾ ريليف فراهم ڪرڻ ۽ سندن شڪايتن جي ازالي لاءِ گول چڪري ڳڙ مارڪيٽ ۾ شڪايتي ڊيسڪ قائم ڪيو ويو آهي شڪايتي ڊيسڪ پهرين رمضان کان 29 رمضان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽي جي سامونڊ ڌڻ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب حجامڙو ڪريڪ وٽ ٻڏي ويلن جي ڳولا جاري

ڪراچي جي ابراهيم حيدري سميت سجاول ضلعي سان تعلق رکندڙ مهاڻن جي ٻيڙي اونڌي ٿي هئي

ايڌي جا رضاڪار توڙي سمنڊ ۾ شڪار لاءِ ويل مهاڻن سميت ٽوٻن جي مدد پڻ حاصل ڪئي پئي وڃي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) اٺ ڏينهن پهرين ٺٽي جي سامونڊ ڌڻ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب حجامڙو ڪريڪ وٽ ٻڏي ويل مهاڻن جي ڳولا اٺين ڏينهن پڻ جاري، ڪراچي جي ابراهيم حيدري سميت سجاول ضلعي سان تعلق رکندڙ مهاڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مسلم هينڊس پاران ترڪي ديانت فائونڊيشن ۽ نيول انٽيليجنس جي سهڪار سان سامان تقسيم

يوسين پڳڙا ميمڻ، پدمي، سيراڻي غريب 400 خاندانن ۾ رمضان راشن پيڪيج ورهايو ويو آهي

ڪراچي جي ساحلي پٽي ۽ غريب ماهيگير ۽ مزدور خاندانن ۾ روزانو افطاري ورهائي ويندي: سماجي اڳواڻ

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) مسلم هينڊس پاران ترڪي ديانت فائونڊيشن جي تعاون ۽ نيول انٽيليجنس جي سهڪار سان رمضان شريف جي آمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ايس ايس پي سجاول ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪاروايون تيز ڪري ڇڏيون

منشيات فروش کي 12 ڪلو سوپاري، ۽ هزار گٽڪن سميت موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي

موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪري جوابدار خلاف گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

سجاول (رپورٽر ممتازعلي نهڙيو) ايس ايس پي سجاول ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪاروايون تيز ڪري ڇڏيون، بنورو ٿاڻي جي حد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڌڪوٽ ۾ 2 هفتا اڳ اغوا ٿيل پيءُ ۽ ٻن پٽن سميت 3 يرغمالي اڃا تائين بازياب نہ ٿيا

وارثن پاران فلور مل وٽ انڊس هاءِ وي روڊ تي ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڌرڻي سبب سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۾ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، شديد نعريبازي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر: جنيد غالب بلوچ) 2 هفتا اڳ اغوا ٿيل پيءُ ۽ ٻن پٽن سميت 3 يرغمالي اڃا تائين بازياب نہ ٿي سگهيا آهن، اغوا ٿيل جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08


ڪنڌڪوٽ: اغوا ٿي ويل پيءُ ۽ ٻن پٽن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنگريو لڳ ڳوٺ پيرو شاهه جو رهواسي پارو مل ميگهواڙ پاران احتجاجي مظاهرو

ديہ اٺڙڪي تپہ نئون پٺون ۾ 16 ايڪڙ زرعي زمين سائين ڏنو شاهه کي وڪرو ڪري ڏني: ڳالهيون

بااثر ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي سيشن ڪورٽ بدين ۽ پنگريو ٿاڻي ڪيس داخل ڪرڻ جو درخواستون ڪيون

ٽنڊوباگو (رپورٽ رفاقت جروار) پنگريو لڳ ڳوٺ پيرو شاهه جو رهواسي پارو مل ميگهواڙ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊن ۾ ايم ظفر ٽگر جي چونڊجڻ بعد شاندار آجيان

امجد ميمڻ، ذوالفقار جلباڻي، مختيار علي شاهه، يونس راڄپر، عاجز نوح پوٽو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

امتياز سومرو، مولابخش مشوري، نور محمد ڪنڌ، سذير علي ميرالي، غفار عباسي، سوز جتوئي شريڪ ٿيا

نوشهرو فيروز (ڊر) سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊن ۾ ايم ظفر ٽگر جي نوشهرو فيروز ضلع تي رابطا سيڪريٽري چونڊجڻ کان پوءِ نوشهرو فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان جي ٻجر خان ٽالپر جي پيرسن عورت پاران ڌيءَ جي اغوا خلاف پاڻ ساڙڻ جو فيصلو

ٻجر خان ٽالپر جي پيرسن عورت جنت بي بي سنڌس 35 سالا نياڻي جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو

منهنجي نياڻي 35 سالا غفران زال محمد شريف خاصخيلي 5 سالن کان گم ٿي وئي آهي: جنت بي بي

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ٻجر خان ٽالپر جي پيرسن عورت جنت بي بي سنڌس 35 سالا نياڻي جي 5 سالن کان گم ٿيڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان جي علائقي جنهان سومرو جي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

سيد امجد حسين شاهه شيرازي ٽنڊو محمد خان ۾ ميڊيا آڏو دانهيندي مظاهرو ڪيو

جوابدارن گوليون هڻي اسان جي مامي نياز شاهه ۽ ماسي بي بي بچل شاهه کي قتل ڪيو: نوجوان

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي علائقي جنهان سومرو جي رهواسي سيد امجد حسين شاهه شيرازي ٽنڊو محمد خان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن يونٽ پاران الوداعي پارٽيءَ منعقد

محمد اجمل راڄپوت، محمد جمن شيخ، قربان علي لاڙڪ، شاهد پرويز ڊسپينسر لاءِ تقريب ٿي

حزب الله راڄپر، ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو، دل جو ڊاڪٽر محمد صفر چنہ ضلعي صدر اشرف قريشي شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن يونٽ سول اسپتال نوشهروفيروز پاران هڪ ٿي وقت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18


نوشهروفيروز: سول اسپتال جي ملازمن جي رٽائرڊ تي ڪوٺايل الوداعي تقريب جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان لطيف آباد جي ڳوٺڙي ٻچل شوروءَ ۾ پورهيت جو گهر سڙي ويو

يوسي 95 جو چيئرمين منور حسين بروهي ۽ ڪائونسلر امجد شورو فائير برگيڊ ٿير گهرائي ورتي

اچانڪ باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ گهر جي لوڙهي کي باهه وڪوڙي وئي، نوٽيس وٺي سهائتا ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) تعلقا لطيف آباد جي ڳوٺڙي ٻچل شوروءَ ۾ پورهيت ربڏنو ملاح جي گهر جي لوڙهي کي اوچتو باهه لڳي وئي باهه لڳڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪڏڙو ۾ ناجيہ شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف پاران عظيم اليشان پروگرام

هڪ عظيم اليشان پروگرام نشات ڪرڪيٽ ٽورناميٽ يونٽ ڪڏڙو ۾ ٿي گذريو ڪارڪن شريڪ

ضلع بدين مئچ کٽي فائنل ۾ پهتي جڏهن ته ٻيو مئچ مقابلو ضلع سانگهڙ ۽ نوابشاهه جي وچ ۾ ٿي گذريو

ڪڏڙو (رپورٽر: ثناءَ الله ٽالپر) ڪڏڙو ۾ ناجيہ شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف ضلع سانگهڙ طرفان هڪ عظيم اليشان پروگرام نشات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار هٿيار هٿ

روهڙي ٿاڻي جي پوليس حد نيو يارڊ واري علائقي ۾ ڌاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿيو

ڌوهاري گلزار احمد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار هٿيار هٿ اسپتال داخل ڊي ايس پي سکر پوليس جي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو ۾ برسات متاثرن پاران گهر ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، واهر ڪرڻ جي اپيل

ڳوٺ الهڏنو سهتو جي برسات متاثرن پاران گهر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڳوٺاڻن واسن سهتو، يارو جاکرو ۽ ميهار ملاح جي اڳواڻي ۾ دڙي جي پڇاري پل وٽ مظاهرو

حڪومتي اعلان تي عمل ڪندي گهرن جي ٻيهر اڏاوت لاءِ رقم جاري ڪري گهر ٺهرائي ڏنا وڃن: اڳواڻ

دڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ برسات متاثرن پاران گهر ملڻ خلاف احتجاج، نعريبازي، فوري طور تي واهر ڪرڻ جي اپيل، تفصيل موجب دڙو لڳ سنڌو دريا جي بچاءَ بند ڪوٽ عالمون پرسان ڳوٺ الهڏنو سهتو جي برسات متاثرن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26


دڙو: ڳوٺ الهڏنو سهتو واسي ٻوڏ متاثر واهر نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

تعلقا ايجوڪيشن آفيسر
پرائمري فيميل روهڙي خلاف
ميڊيا تي خبرون شايع

سکر (بيورو رپورٽ) تعلقا ايجوڪيشن آفيسر پرائمري فيميل روهڙي خلاف ميڊيا تي خبرون شايع ٿيڻ بعد روهڙي جي ماسترياڻين پاران هڪ ٻيو شڪايتي ليٽر جاري ڪري چيو آهي تہ اي ٽي او فرحانا جي ظلمن خلاف صحافين کي خط لکيو هو جنهن بعد ايجوڪيشن ۾ سالن کان ڪرپشن ڪندڙ بہ ميدان تي اچي ويا آهن جيڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ انتظاميا ڪو بہ ٻوٽو نہ ٻاريو

ضلعي ٽنڊو محمد خان انتظاميا ڪو بہ ٻوٽو نہ ٻاريو واپارين وچ ۾ بہ اختلاف هجڻ جو انڪشاف

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي هول سيلرن عام واهپي جون شيون ذخيرو ڪري اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا

چانور گيهه پٽي بيسڻ سميت عام واهپي جون شيون ڪميشن عيوض وڪرو ڪيون پيون وڃن

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر: ميرحسن رند) رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عام واهپي جون شيون سستي اگهن ۾ وڪرو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان انتظاميا ڪو بہ ٻوٽو نہ ٻاريو واپارين وچ ۾ بہ اختلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۾ "نظرياتي ۽ تجرباتي منظرنامي لاءِ سماجي تحفظ بابت تحقيقي سيمينار

ملائيشيا ۽ پاڪستان لاءِ تقابلي تجزيو سيمينار جي صدارت اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ ڪئي

ٽيڪنالاجي جي استعمال جي اثرائتي استعمال سان جيڪي ڪارڪردگي ۽ ڪوريج کي وڌائين ٿا: احمد رضا المصطفيٰ

بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ سماجي، اقتصادي ۽ سياسي اشارن کي مستحڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي: سيمينار کي خطاب

سڪرنڊ (رپورٽ راج ڪماراوڙ) فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد پاران "نظرياتي ۽ تجرباتي منظرنامي لاءِ سماجي تحفظ جي متحرڪ: ملائيشيا ۽ پاڪستان لاءِ تقابلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29


سڪرنڊ: شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظيرآباد ۾ ڪوٺايل سيمينار کي مقرر خطاب ڪري رهيو آهي

تاريخي ۽ پرامن ضلعي ٺٽي جي بدامني جي ٻاهه ٻريل: هفتي اندر 30 کان ڌوهي وارداتون

ٺٽي جي شهرن، روڊن، رستن ۽ ڳوٺن ۾ ڌوهارين علائقي واسين ۽ شهرين جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو

4 مهينن کان ڌوهارين ٺٽي ۾ ترٿپائي ڇڏيا آهن، شهري ۽ علائقي واسي عدم تحفظ جو شڪار آهن

مڪلي، چتوچند، فقير جو ڳوٺ، سونڊا، گهارو، غلام الله، ور، جنگشاهي سميت ٻين علائقن مان ڦرون ٿيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي تاريخي ۽ پرامن ضلعي ٺٽي جي بدامني جي ٻاهه ٻريل، ٺٽي جي شهرن، روڊن، رستن ۽ ڳوٺن ۾ ڌوهارين علائقي واسين ۽ شهرين جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو، هڪ هفتي اندر 30 کان ڌوهي وارداتون، پوليس ڪک پڇي ٻيٺڻ ڪيو تفصيل موجب گذريل 4 مهينن کان ڌوهارين ٺٽي ۾ ترٿپائي ڇڏيا آهن، شهري ۽ علائقي واسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر جي سرڪاري توڙي نجي اسپتالن ٻاهران روڊ تي موٽرسائيڪل بيهارڻ کان ڀتو وصول

بلڊ بينڪ اسپتال آڏو روڊ تي بائيڪ بيهارڻ سبب جي يو آئي اڳواڻ پاران پئسا نہ ڏيڻ تي جهيڙو

اسپتالن ۾ دوا وٺڻ لاءِ شهرين کان روڊ تي موٽرسائيڪل بيهارڻ لاءِ ٽيهہ روپيا پرچي جا ورتا وڃن ٿا

پئسا اوڳاڙي ڪندڙن سان پوليس بہ ڀٽ ٻڌيل آهي جنهن ڪري اهي عوام سان ڏاڍايون ڪري رهيا آهن

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي سرڪاري توڙي نجي اسپتالن ٻاهران روڊ تي موٽرسائيڪل بيهارڻ شهرين کان ٽيہ روپيا اوڳاڙي ڪندڙن جي بدمعاشي گهٽ نہ ٿي بلڊ بينڪ اسپتال آڏو روڊ تي بائيڪ بيهارڻ سبب جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ديرو شهر جي پير جان محمد ،دادو ڪئنال پل وٽان نوجوان جو لاش برآمد

لاش جي سڃاڻپ 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل ڳوٺ منو ڪهڙو واسي نسيم ڪهڙو طور ٿي آهي

ڪاشف ڪوڪر نسيم ڪهڙي سميت ٻن عورتن کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ جا انڪشاف ڪيا

قتل ڪيس ۾ ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندڙ ڀاءُ عرفات ڪوڪر کي بہ قاتل طور نامزد ڪيو ويو آهي: ڪاشف ڪوڪر


نئون ديرو: دادو ڪئنال مان هٿ آيل لاش جو ڏيک

نئون ديرو (رپورٽ شاد پٽو) نئون ديرو شهر جي پير جان محمد وٽ دادو ڪئنال پل وٽان نوجوان جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پوليس جي ابراهيم حيدري ۾
منشيات فروشن خلاف ڪارروائي
1200 سو گرام چرس هٽ

ملير (رپورٽر) پوليس جي ابراهيم حيدري ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي 1200 سو گرام چرس هٽ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو محمد خان ۾ رمضان جي آمد تي روزمرهه جي کاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه چوٽ چڙهيل

ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو ڊگهه موري فاران شگر ملز راجو نظاماڻي باقر نظاماڻي ۾ آزار برقرار

روزمرهه جي کاڌ خوراڪ وارين شين جا اگهه واپارين پنهنجي مرضي سان 20 کان 25 فيصد وڌائي ڇڏيا

مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اعلان ڪرڻ بجاءِ فوري طور قانون موجب ڪاروائي لاءِ قدم کڻڻ گهرجن

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ رمضان المبارڪ جي آمد تي روزمرهه جي کاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه چوٽ تي هجڻ تي ضلعي انتظاميه نوٽيس نہ ورتو، ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو ڊگهه موري فاران شگر ملز راجو نظاماڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽي جي سامونڊ ڌڻ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب حجامڙو ڪريڪ وٽ ٻڏي ويلن جي ڳولا جاري

ڪراچي جي ابراهيم حيدري سميت سجاول ضلعي سان تعلق رکندڙ مهاڻن جي ٻيڙي اونڌي ٿي هئي

ايڌي جا رضاڪار توڙي سمنڊ ۾ شڪار لاءِ ويل مهاڻن سميت ٽوٻن جي مدد پڻ حاصل ڪئي پئي وڃي

فوت ٿي ويل مهاڻن جي وارثن کي 50_50 هزار رپيا ڏنا آهن امداد جو سلسلو جاري رهندو: احمد يوسف پٽي


ملير: 5 ڏينهن اڳ ٻڏي ويل مهاڻن جي لاشن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي

ملير (د ـ ر) حجامڙو ڪريڪ ويجهو 5 ڏينهن اڳ حادثي جو شڪار ٿيل ٻيڙي جا ٻڏي فوت ٿيل 14 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

شورا برادري برادري جي چڱي مڙس
محمد سانوڻ شورو جي وفات بعد چڱي
مڙس جي چونڊ لاءِ تقريب

نئون ڪوٽ (رپورٽر) شورا برادري جي معزز شخصيت ۽ برادري جي چڱي مڙس محمد سانوڻ شورو جي وفات بعد شورا برادري جي چڱي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سجاول ۾ رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني جي حوالي سان ٽائون چيئرمين پاران اجلاس منعقد

وائيس چيئرمين ساجد لغاري سميت ڪائونسلرن مولوي اشرف ميمڻ، آفتاب احمد پنهور ۽ ٻين جي شرڪت

رمضان جو مهينو پوري امت مسلم لاءِ عبادت جو مهينو آهي هن مهيني جو اسلام ۾ وڏو رتبو آهي: چيئرمين

شهر ۾ هوٽلن تي سري عام هلندڙ کاڌ پيئڻ جي شين ۽ ان کي وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني قدم کنيو ويو: ڳالهيون

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني جي حوالي سان ٽائون چيئرمين آفتاب شاهه شيرازي جي صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو، اجلاس ۾ وائيس چيئرمين ساجد لغاري سميت ڪائونسلرن مولوي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 12 مارچ 2024ع

روڊ حادثن ۾ ضايع ٿيندڙ زندگيون

هونئن ته روڊ حادثا سڄي مُلڪ ۾ معمول بڻيل آهن، پر اهي حادثا اُتي گهڻا ٿا ٿين، جتي ٽريفڪ قانونن تي عمل نٿو ٿئي. سنڌ ۾ روڊ حادثن جي شرح وڌيڪ آهي. جوهن روڊن تي گاڏيون ته هلن ٿيون پر قانون نٿو هلي. اها صورتحال خطرناڪ روڊ حادثن جو سبب بڻجي ٿي. اهڙو ئي خطرناڪ روڊ حادثو ڪالهه سڪرنڊ ويندڙ چاچين جي ڊاٽسن قاضي احمد باءِ پاس تي ڪنٽينر سان ٽڪرائجي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ ٻن گهوٽ ڀائرن جي معصوم ڀيڻ سميت 6 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته عورتن ۽ ٻارڙن سميت 20 کان وڌيڪ ڄاڄي زخمي ٿي پيا. ان کان سواءِ ساڳئي ڏينهن تي مختلف حادثن ۾ 2 معصوم ٻارڙن سميت چار ٻيا ماڻهو پڻ زندگيون وڃائي ويٺا آهن. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه روڊ حادثي تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

سنڌ ۾ وڏيون گاڏيون، ٽرڪون، ٽرالر المعروف 'رُڪ جا راڪاس' وڏن حادثن ۽ زندگين جي نقصان جو سبب بڻجي رهيا آهن. ننڍا ننڍا حادثا ته ليکي ۾ ئي نه آهن ۽ گهڻا ته ميڊيا تي رپورٽ ئي نٿا ٿين پر جيڪي وڏا حادثا ٿين ٿا، انهن جو تعداد به گهٽ آهي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ روڊ حادثن جو وڏو سبب ٽريفڪ قانونن تي عمل نه ٿيڻ آهي. سڀ کان اهم سبب تيز رفتاري آهي. ڊرائيور جڏهن اسٽيئرنگ تي ويهندا آهن ته اهي پاڻ کي جهاز جي ڪاڪ پٽ ۾ ويٺل سمجهندا آهن ۽ گاڏين کي هلائڻ بدران جهازن وانگر اُڏائيندا آهن، اهڙي صورتحال ۾ حادثا ڪيئن نه جنم وٺندا؟ تيز رفتاريءَ کي ڪيئن ڪنٽرول ڪجي؟ اها ذميواري ٽريفڪ پوليس جي آهي پر اها اهڙي ذميواري پوري ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهي. موٽر وي تي ته موٽروي پوليس آهي، جيڪا نه صرف تيز رفتاريءَ تي نظر رکي ٿي پر ٽريفڪ قانونن تي به عمل ڪرائي ٿي. جڏهن ته ٻيون شاهراهون ۽ روڊ رستا ٽريفڪ پوليس جي رحم و ڪرم تي آهن. هونئن به هن ملڪ ۾ سڪ رائج الوقت سان هر شئي خريد ڪري سگهجي ٿي، ايتري قدر جو قانون به! سنڌ ۾ روڊن رستن جي حالت به بنهه خراب آهي ۽ اها خراب حالت به حادثن کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻ جو سبب آهي. روڊن رستن جي تعمير ۽ مرمت لاءِ نه صرف سنڌ حڪومت طرفان پر اهم شاهراهن لاءِ نيشنل هاءِ ويز اٿارٽيءَ طرفان فنڊ رکيا وڃن ٿا پر اهي ڪٿي ٿا خرچ ٿين، ان جو ڪو به پتو نه آهي.

سنڌ ۾ روڊن رستن ۽ شاهراهن تي جيڪي گاڏيون هلن ٿيون، انهن جي فٽنيس تي به ڌيان نٿو ڏنو وڃي. خراب روڊ رستن تي جڏهن ڪٽارا گاڏيون هلنديون يا وري تيز رفتاريءَ جون حدون پار ڪري گاڏيون هلايون وينديون يا وري جيڪي ڊرائيور گاڏيون هلائين ٿا، انهن جي پنهنجي جسماني فٽنيس ۽ ذهني صحت به سوال جوڳي هوندي آهي، اڪثر ڊرائيور منشيات جا عادي هوندا آهن، جنهن ڪري پڻ گهڻا حادثا جنم وٺندا آهن. ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته، سنڌ ۾ ڊرائيونگ لائسنس جي اجراءَ جو سرشتو به درست نه آهي. هتي اڪثر ڪري سڀ ڪُجهه سڪ رائج الوقت جي ڪرامتن سان ممڪن بڻجي ويندو آهي ۽ جڏهن اهڙا ڊرائيور، جيڪي ٽريفڪ جي قانون کان ئي واقف نه هوندا آهن، اهي جڏهن گاڏيون ڪٺي روڊن تي ايندا ته حادثن جو جنم ڪيئن نه ٿيندو؟ روڊ ٽرانسپورٽ اٿارٽيءَ وارا ته خبر ناهي ته ڪهڙي گرهه تي هوندا آهن، جو نه اهي ڏٻا آهن ۽ نه ئي وري انهن جو ڪو ڪم نظر ايندو آهي. ٻيو ته جڏهن ڪنهن شاهراهه تي حادثو ٿئي ٿو ته، زخمين کي ترت طبي امداد نٿي ملي ۽ گهڻو رت وهڻ ۽ ٻين سببن جي ڪري اهي حياتيءَ کان محروم ٿي وڃن ٿا. اڪثر شاهراهن تي نه طبي امداد جا مرڪز آهن، نه ايمبولينسون ميسر آهن ۽ نه ئي وري ٽراما سينٽر آهن. جنهن ڪري پڻ سنڌ ۾ حادثن ۾ مرندڙ ماڻهن جي شرح وڌيڪ آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، سنڌ ۾ ٽريفڪ جي قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي. ڊرائيونگ لائسنس جي اجراءَ جو سرشتو بهتر بڻايو وڃي. ڪرپشن ختم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن. روڊن رستن جي حالت بهتر ڪئي وڃي. گاڏين توڙي ڊرائيورن جي فٽنيس جي چڪاس ڪئي وڃي ته جيئن حادثن کي روڪي سگهجي.

هيءَ ڪمپني ڪيترو وقت هلندي؟

اعجاز منگي

هن جڳ ۾ جمهوريت جا ڪيترائي قسم آهن. دنيا جي جمهوري ملڪن پنهنجي نظام کي هلائڻ جي لاءِ پنهنجي پنهنجي پسند جي جمهوريت چونڊي آهي. آئيني جمهوريت (Constitutional Democracy) کان وٺي دفاعي جمهوريت (Defensive Democracy) تائين هر قوم پنهنجي ملڪي ضرورت مطابق جمهوريت جي سياسي ۽ سرڪاري سيٽنگ ڪئي آهي. ان حد تائين جو ڪميونزم جي سخت سرزمين تان لڏي ڪالهوڪا سرخا اڄ سوشل ڊيموڪريسي (Social Democracy) جا ٻول ٻولي رهيا آهن. پر پاڪستان دنيا جو اهو واحد ملڪ آهي، جنهن ڏکڻ ايشيا مان هڪ اهڙي جمهوريت جو عملي تصور پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ مخالف ڌر جو وجود ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪرڻ جو عزم عمل ۾ به آندو ويو آهي. هي جمهوريت جو اهڙو روپ آهي، جنهن ۾ ڪنهن سياسي پارٽيءَ کي اسٽيبلشمينٽ آڏو دل جي حضور سان پيش ٿي پنهنجن آزادن خيالن ۽ عملن جي معافي وٺي، آئنده عوام بدران صرف انهن قوتن جي ڪلهي تي چڙهڻ جو وچن ڪرڻو پوندو، جيڪي اقتدار جي مسند تي پهچائين ته خوش ٿجي پر جيڪڏهن اهي اقتدار تان لاهن ته صبر جو مظاهرو ڪندي، اٿين مسڪرائجي، جيئن مڙس جي مار کائڻ کان پوءِ ميڪپ اسان ڏکن جا نشان ڍڪي مڊل ڪلاس جي مائي ماڻٽن جي شاديءَ ۾ سيني سان مسڪرائي ملندي آهي.

پاڪستان جي ان جمهوري قسم کي هن مهل تائين مخصوص نالو نه مليو آهي. ان ڪري في الحال اسان شيڪسپيئر جي ان قول مان ڪم هلائي سگهون ٿا ته "نالي سان ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ توهان گلاب جي گل کي ڪنهن به نالي سان پڪاريو، گلاب جو گل ته گلاب جو گل ئي رهندو". ساڳي طرح سان اوهان هڪ معذور، مجبور ۽ محڪوم جمهوري نظام جي مٿان جيڪو به نالو رکو اها ڪهڙي پڙڪ ٻاقيندي؟ غيرعوامي ۽ شورشرابي ڪان آجي انتهائي شريف جمهوريت کي اهڙي آمريت ڪان ڪو به خطرو نه هوندو آهي، جيڪا سرديءَ ۾ سرد راتين ۾ سنگينون ڪٺي اچي ۽ گرميءَ جي تتل ڏينهن ۾ ان کي لوهي ٽوپ پائڻا پون. جڏهن مُني صديءَ جي محنت ۽ جستجو جو اهو جمهوري نتيجو نڪرڻو هو ته پوءِ قيد جو ڪاٽجن؟ قاسي گهاٽ جو آباد ڪجن؟ تارجر سيلن مان هڏ گڏ پچرائي ۽ جسم چچرائي پاڻ کي پاڻ ئي پٽيون جو ٻڌجن؟

پاڪستان پنهنجي 77هين سال ۾ جنهن انداز سان داخل ٿيڻ طرف وڌي رهيو آهي، ان ۾ اهم شيءِ ملڪ جي بانيءَ جي نه ته تحرير آهي ۽ نه تقرير آهي، جيڪڏهن هن جي ڪا شيءِ اهم آهي ته اها تصوير آهي، جيڪا اعليٰ سرڪاري آفيسن جي ديوارن تي آويزان ڪئي وئي ويندي آهي، جن جو وهنوار آئين ۽ قانون سان صرف نالي ماتر تعلق رکندو آهي ۽ ان کان پوءِ اها تصوير انهن نوٽن تي شايع ڪئي ويندي آهي، جن جو تعداد صحيح ۽ غلط جو بنيادي فيصلو ڪندو آهي.

پاڪستان ۾ سياسي سفر عجائبات جو سير آهي. جو ته هن جي هر موڙ تي اهڙا منظر اکين ۾ لهي اچن ٿا، جن جي باري ۾ ڪنهن خواب به نه ڏٺو هوندو ۽ جنهن مٿان ڪنهن خيالن جي پيءَ جو پاڇو به نه پيو هوندو. جنهن وقت شهيد بينظير ڀٽو ۽ ميان نواز شريف جي وچ ۾ "ميثاق جمهوريت" ٿيو هو ان وقت پاڪستان ۾ اميد پرستن پهاڙن جي چوٽين کي ڇهي موٽندڙ نعرا هنيا هئا. ڇو ته اهو سڀ ڪجهه عمل ۾ اچڻ جهڙو نه پئي سمجهيو ويو هر سياسي ذهن کي ايتري سمجهه ضرور هئي ته اسٽيبلشمينٽ ڪڏهن به ملڪ جي سياسي قوتن جو اتحاد ٿيڻ قبول نه ڪندي ۽ اهو به اهڙو اتحاد جنهن جو هر نقطو ان قوت جي گرد جمهوري گهيرو ڪندڙ هجي، جنهن جي مٿان جمهوريت کي جهورڻ جو تاريخي الزام لڳل آهي.

جنهن وقت ڊسمبر جي ڊپريسڊ ۽ سرد شام جي دوران راولپنڊيءَ ۾ بينظير ڀٽو جي مٿان حملو ٿيو ۽ اسپتال مان هن جي زندگي ختم ٿيڻ وارو اعلان ڪيو ويو ان وقت ميان نواز شريف پاران سخت ردعمل جو اظهار ۽ ان بعد چونڊن جي بائيڪاٽ جو اعلان به شايد "ميثاق جمهوريت" جي روح مطابق هو پر ان بعد جڏهن اسلام آباد کان وٺي ڪراچيءَ تائين اقتدار جا سمورا سرچشما پيپلز پارٽي جي نئين قيادت جا همسفر بڻيا ۽ ايوان صدر اندر ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو "جيئي ڀٽو" جو نعرو گونجيو ۽ ملڪ جي هر اهم بلڊنگ ۽ روڊ رستي تي شهيد محترمه جي نالي جي تختي آويزان ڪئي وئي، تڏهن پ پ جي نئين قيادت جا تيور ڏسي مسلم ليگ ن گهڻو وقت گڏيل حڪومت جو حصو رهي نه سگهي ۽ پوءِ دنيا اهو به ڏٺو ته ڪهڙي ريت پيپلز پارٽيءَ پنهنجي دل گردي واري گورنر سلمان تاثير جي معرفت تخت لاهور تي به ليگين کي ويهڻ جي عملي اجازت نه ڏني وئي.

اهو هڪ عجيب دور هو جڏهن ڪارن ڪوٽن وارا روڊن ۽ رستن تي نهايت سخت نعرا هڻندا هئا ۽ ملڪ جو مجموعي موڊ تاريخي تبديليءَ وارو هو ان حد تائين جو معزول ٿيل چيف جسٽس جي بحاليءَ کان پوءِ ملڪ ۾ عدالتي جمهوريت جا پڙاڏا به گونجڻ لڳا هئا. پر اها به حقيقت آهي ته ڪير ڪي ڪير ۽ پاٽيءَ کي پاٽي ٿيڻ ۾ گهڻو وقت نه لڳو. پر ان دوران ڪنهن ٿي جاتو ته هڪ ٻئي جي مٿان سخت قسم جا الزام هڻڻ ۽ هڪ ٻئي کي سڏيون ۽ ڪافي حد تائين غير سياسي ڌمڪيون ڏيڻ واريون پارٽيون 15 سالن کان پوءِ پاڻ ۾ ائين ملي ويون آهن، جيئن پراڻن پاڪستاني فلمن ۾ ميلو گهمڻ لاءِ ويندڙ ٻه ڀائر هڪ ٻئي کان وڇڙي ويندا هئا ۽ پوءِ ٻانهن تي موجود ترپا گلي ۾ پيل لاڪيٽ جي معرفت هو سالن جا وڇوڙا وساري هڪ ٻئي سان ڀاڪرن ۾ ڀرجي ويندا هئا.

هن وقت پاڪستان جو اقتداري منظر جنهن قسم جو ڏيک ڏئي رهيو آهي، ان ۾ ڪجهه ڌرين جي دلين جي ڌڙڪن ته اينڌڙ وقت جي واڌائين سبب وڌيل آهي، جڏهن ته پاڪستان مٿان هن مهل کان وٺي پريشانيءَ جا ڪانگ ڪان ڪان ڪري رهيا آهن. اهو ڪمال صرف اسان جي ملڪ ۾ ممڪن آهي ته وزيراعظم جو حلف کڻڻ کان پوءِ ميان شهباز شريف پنهنجا پراڻا مرض وساري چڪو آهي ۽ صدر پاڪستان جو حلف کڻڻ کان پوءِ آصف زرداريءَ جي وجود ۾ وري ساڳي سگهه موٽي آئي آهي، جنهن ۾ هن جي وِک ۾ اها ڊرنظر نه ٿي اچي، جيڪا احتساب جي وقت عام طور تي نظر اچي ويندي هئي. اها اقتداري ڀائيواري ابتدا ۾ ته صرف مجلسي تبسم ۽ تصويري سيشنس تائين محدود هوندي پر جڏهن ملڪ جو بنا ناٽي وارو سخت سرڪاري سفر شروع ٿيو ۽ اهڙي ماحول ۾ ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟ هن مهل ملڪ ۾ اهڙو ڪو به مشهور صحافي تلاش ڪرڻ محال آهي، جيڪو اهو سمجهندو هجي ته ميان شهباز شريف ۽ آصف زرداريءَ جي هيءَ جوڙي ملڪ جي مفاد ۾ سدوري ٿي هلندي. هن مهل تائين پيپلز پارٽيءَ لاءِ پنهنجائپ جا جذبات ۽ مسلم ليگ لاءِ نرم گوشو رکندڙ ميڊيا وارا به حڪومت جي مدي پوري نه ٿيڻ واري معاملي تي هڪ ٻئي سان اتفاق ڪن ٿا. ڇا اهڙي وقت حالت ۾ حڪومت پنهنجو وقت ڪڍي ويندي؟ جڏهن ڪيسا خالي هجن ۽ مٿان عتاب ۾ آيل مخالف ڌر پنهنجي عبوري مرحلا پورا ڪري سسٽم اندر پنهنجي اصل نالي ۽ حوالي سان داخل ٿيڻ جي پوري تياريءَ ۾ هجن. اقتدار ماڻهوءَ جي وهمن ۽ وسوسن ۾ اضافي جو سبب نه بڻجي ها ته ڪارن ٻڪرن جي مٿان ڪاتيون چوڪڙڪن ها ۽ هن مهل جڏهن مولانا فضل الرحمان حڪومت جو حصو نه ٿيڻ واري قربانيءَ تي قائم ۽ دائم آهي ته ان صورت ۾ خطرا وڌي وڃڻ هڪ فطري عمل سمجهيا پيا وڃن. سياست جي نازڪ ۽ باريڪ رمزن تي نظر رکڻ وارن جو ته هن مهل ان تي اصرار آهي ته ڪير ڪنهن کي بازي هٽي ويو آهي؟

نواز شريف کان ناراض صحافي ۽ سياسي مبصر اهي تبصرا ڪري رهيا آهن ته صدر آصف زرداري ميان شهباز شريف جي معرفت مسلم ليگ ن کي اهڙي موڙ تي وٺي آيو آهي، جتي هوءَ هڪ طرف پنهنجي ديس يعني پنجن درياهي پنجاب ۾ پنهنجي عوامي حمايت وڃائي چڪي آهي ۽ ڄهڙي تهڙي اقتدار لاءِ هوءَ هن مهل به ان پيپلز پارٽيءَ جي محتاج آهي، جيڪا جڏهن به ناراض ٿيندي ته عدم اعتماد واري وائي ورجائيندي ۽ هن جي اهڙا ٻول ٻڌڻ شرط لازمي طور تي مسلم ليگ ن جو هٿ اسيمبليون ختم ڪرڻ واري درخواست طرف وڌندو پر ان ۾ تحريڪ انصاف کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي فائدو رسندو؟ ان ڪري هي سورن وارو سرڪاري سفر پيپلز پارٽيءَ لاءِ ڄهڙي تهڙي فرحت ۽ مسلم ليگ ن لاءِ انتهائي مصيبت جو باعث بڻبو.

پاڪستان جي ٻن روايتي سياسي دشمنن ۽ موجوده حالتن ۾ ٻن اقتداري دوستن جو هو سرڪاري سلسلو جيترو وقت به هليو ان ۾ اهو مزو ته هرگز نه هوندو، جيڪو مسلم ليگ ن مڪمل ۽ بي پرواهه انداز واري اقتدار مان ورتو آهي. ساڳي طرح آصف زرداري جڏهن ايوان صدر ۾ داخل ٿيو آهي ته هن لاءِ اهو ماحول نه رهيو آهي، جڏهن سڏ پنڌ تي پرائيم منسٽر هائوس ۾ هن جو وفادار وزير اعظم ويٺل هو ۽ ملڪ ۾ هن سمورا گورنر هن جي مرضيءَ مطابق ڪم ڪرڻ جا پابند هئا. هن مهل ملڪ جو سياسي ماحول منتشر آهي ۽ جڏهن ملڪي خزاني ۾ مال نه هجي ته ڪنهن به اڻ وڻندڙ معاملي تي تواڻي وڌي ويندي، تيسو بڻجي ويندي آهي. اهڙي تلخ ماحول ۾ هيءَ اقتداري ڪمپني ڪيترو وقت هلندي؟ ڪيترو وقت ڌريون مجبوريءَ واري رشتي ۾ رهڻ پسند ڪنديون؟ اندازا ته صرف ان صورت ۾ لڳائي سگهجن ٿا، جڏهن ملڪ جا باقي معاملا پنهنجي نارمل ليول تي هجن. جڏهن معاشي تنگ دستي ۽ معاشرتي ڇڪتاڻ سان گڏ ملڪ جون پهاڙي سرحدون دوستاڻا تعلق فراموش ڪري، الڳ واٽون وٺڻ جي موڊ ۾ هجن ۽ بندوق جي نالي مان پنهنجو اظهار ڪندڙ ٽولا سياسي انتشار ۽ معاشي بحران مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هجن ته پوءِ اهڙي حالت ۾ حڪومت پنهنجي اقتدار جو بار وڌيڪ محسوس ڪرڻ لاءِ مجبور هوندي ۽ ميڊيا مٿان سختيءَ سبب جيڪو غيرمقبوليت جو گراف مٿي چڙهندو، ان تي سياسي ڌرين جو ردعمل اڃان وڌيڪ آمريت وارو هوندو ۽ اهڙي سختي جمهوريت جي ڪنهن به قسم سان مڙي جڙي هلڻ جهڙي هرگز نه هوندي آهي.

وَڏي جَنِ وِڏياسِ، وَري وِيجَ ٿِي سِي ٿِيا؛
تُرتُ ٻَڌائُون ٻَٽِيُون، روزِ ڪِيائُون راسِ؛
هِينئَڙا! تنِين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِئين.

عورت تحريڪ ۽ اجائي واويلا

امتياز عالم

فيض احمد فيض وڳوڙ ۾ ورتل شهر جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته:
راهه تي هليا سين ته هر گهٽي ۾ ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز آهي. جيڪڏهن فيض کي رولو ڪتن جي ڀونڪڻ جي ڳڻتي هئي ته سڄي سال ۾ جڏهن عورتون پنهنجي عورتائين ۽ برابري جي انساني حقن جي حصول لاءِ ٻاهر نڪرنديون آهن ته انهن جي دانهن، انهن جي فريادن ۽ انهن جي سسڪين ٻڌڻ وارا گهٽ ۽ آوارهه گرد ٻلاگرز جو اڄايو گوڙ وڳوڙ ۾ 8 مارچ تي مشڪل سان پنهنجو عالمي ڏينهن بچائي گهاري سگهنديون آهن. اهي لوفر ڪير آهن؟ اهي گهٽين ۾ ڇا ڪندا آهن؟ انهن جي (بد) معاش جو ذريعو ڇا آهي؟ انهن جي بيمار ۽ جاهل ذهن جي تربيت ڪٿي ٿيندي آهي؟ انهن ۾ هاٿي اسلام پسند ته ٿورڙا آهن. پر جنسي ۽ نفسياتي طور بيمار ته سڀ لڳن ٿا.

عقل ۽ ڏاهپ، شائستگي ۽ ذهانت، تهذيب و تمدن، علم ۽ پرورش ۽ پيشہ ور صحافتي قدرن جو انهن سان ڪو پري جو به واسطو نظر نٿو اچي. جيڪو قدر (يا بلڪ بي قدري) ۾ هڪ جهڙائي انهن سڀني ۾ اها آهي ته اهي عورت بابت گهٽي گمراهه، جنس پرست، اوباش ۽ بدصورت سوچ رکن ٿا.

نه ڪا تعليم، نه ڪو شعور آهي، صرف ٻاراڻي بي حيائي ۽ واندڪائي جي لذت آهي. جيڪا انهن ٻلاگرز جي وانڱي هجوم کي عورت مارچ تي حملي ڪرڻ لاءِ اڀاري ٿي. انهن ۾ مين اسٽريم ميڊيا جا صحافي نه هوندا آهن ۽ جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هوندا آهن، ته انهن وٽ به منفي ۽ سنسني ڦهلائيندڙ سوالن کان سواءِ ڪو پروفيشنل تجسس سوال ناهي هوندو.

عورت مارچ ۾ اهڙيون سوين عورتون شامل هونديون آهن. جن وٽ سماجي اهميت جون بي شمار دردناڪ ڪهاڻيون هونديون آهن. جيڪي انهن پاڻ هرتن رپورٽرز لاءِ دلچسپيءَ جوڳيون ناهن هونديون. انهن فحش نگارن ۽ آوارهه گردن جي دلچسپيءَ رڳو ان ۾ آهي ته عورت تحريڪ جي ڪارڪنن کان رڳو اهو مجرايو وڃي ته اها فحاشي جي آزادي چاهين ٿيون ۽ باقي ڪهڙا خاص حق آهن جيڪي انهن وٽ نه آهن ۽ اهو به ته اهي مردن جي حقن جي ڳالهه ڇو نٿيون ڪن؟ يا وري اهو پراڻو سوال ته اهي مدر پدر آزادي چاهين ٿيون؟ ڪنهن کي به اهو فڪر ناهي هوندو ته آخر اهي عورتون ڇا چاهين ٿيون، ڇو چاهين ٿيون ۽ ڇاڪاڻ چاهين ٿيون؟ اهي نتيڙن ڇوڪرين کي تڪليف ڏئي عجيب سيڊيسٽ يا اذيت ڏيڻ مان مزو حاصل ڪن ٿا. جنهن سان خبر ناهي ته هنن جي ڪهڙي سفلي محرومي دور ٿئي ٿي، اهي گند ڪرڻ ۽ گند اڇلائڻ لاءِ اچن ٿا. ان لوفرائپ کي ڇا چئجي، ڇاڪاڻ جو اهو سماجي پوسٽ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

سڄي دنيا ۾ عورت تحريڪ جي چئن لهرن وانگر، پاڪستان ۾ عورتن جي تحريڪ جي به هڪ انتهائي انساني، سماجي، جمهوري ۽ تهذيبي ايجنڊا رهي آهي پر ان تي مختلف تعصب واريون فتوائون ۽ پدرشاهي ملامتون هنيون ويون آهن. جيڪي جمهوري ۽ انساني خوبيون کان محروم رهيون. خاص طور تي مذهبي حلقن پاران ان دعويٰ سان عورت جي سوال تي بحث ختم ڪيو ويو ته اسلام سڀ کان پهرين عورت جي حقن جو احترام ڪيو آهي ۽ عورت جا حق ۽ فرض هميشه لاءِ مقرر ڪري ڇڏيا.

شروع ۾ ته عورت مارچ خلاف فتوا به ڏنا ويا، پوءِ جواب ۾ حيا مارچ به ڪيا ويا ۽ عورت مارچ ڪندڙن کي مغربي تهذيب سان محبت ڪرڻ لاءِ گستاخ قرار ڏيندي مذاڪرات کي ختم ڪيو ويو. ان دوران انساني حقن جي اڳواڻ عاصمه جهانگير ۽ جماعت اسلامي جي عورت حلقي جي اڳواڻ سميحه راحيل ۽ قومي اسيمبلي ۾ عورتن جي ڪاڪسز وچ ۾ ڳالهين سان اتفاق راءِ ڪي وڌائي ان مسئلي تي مذهبي تڪرار جو حل ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، هاٿي اسلامي هجن، لبرل يا ريڊيڪل، اهي سڀ پنهنجي پنهنجي راءِ سان عورتن جي حقن تي آواز اٿارڻ لڳيون آهن. پر اهي لوفر ٻلاگرز ڪير آهن جيڪي نه اسلامي آهن، نه لبرل ۽ نه ته جمهوري؟ انهن کي صرف جنسي مصالحو گهرجي جنهن جي ڪاراڻ اهي مهذب عورت جي چهرن تي ملڻ چاهيندا آهن.

هنگامو تڏهن ئي برپا ٿيو جڏهن عورتن پنهنجي حق خوداختياري جي دعويٰ ڪئي. جنهن تي پدرشاهي ردعمل اهو آيو ته عورتون علحدگيءَ جو حق چاهين ٿيون يا اهو ته مرد دشمن آهن. پر پدرشاهي جي نظام ۾ "منهنجو جسم، منهنجي مرضي" جي ڇڪ جهڙو ٻاهه ٻاري ڇڏي. ڪيترائي مرد پنهنجون ٻاهون مٿي ڪري ميدان ۾ اچي ويا ته عورت پاڻ کي مردن جي طاقت کان ڇو آزاد ڪرائي رهي آهي؟ "منهنجو جسم منهنجي مرضي آهي" جو نعرو اولهه ڪجهه مختلف متن ٻار جي جمر ۽ اميد سان هڻڻ، ويمر ٿيڻ ۽ جنسي طور هيسائڻ جي حوالي سان ظاهر ٿيو. جنهن ۾ ٻار ڪيرائڻ جو حق به شامل هو. جنهن تي اڃان به آمريڪي سماج ۽ سياست تقسيم آهي. ڳالهه رڳو اها آهي ته جيڪڏهن مرد پنهنجي صحت، پنهنجي جسم جي سينگار ۽ بناوت ۽ جمالياتي ذوق ۽ جبلي تسڪين ۾ خودمختيار آهي ته اهو هن جو پيدائشي حق آهي، پر جڏهن عورت پنهنجي جسم ۽ روح کي مردن کان آزادي چاهي ٿي، بري نگاهه کان محفوظ رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجي زندگيءَ تي خوداختياري جي گهر ڪري ٿي ته پوءِ اها ڇو قتل ڪئي وڃي؟ a

جنهن ۾ علحدگيءَ جو حق، ٻار پيدا ڪرڻ ۽ حمل تي پنهنجو اختيار ۽ جنسي استحصال ۽ هيسائڻ کان آزادي پڻ شامل آهي. عورت تحريڪ ته جنسي هيسائڻ، جسم فروشيءَ عورت کي جنس طور پيش ڪرڻ ۽ مرد جي جنيءَ بڻجي رهڻ کان انڪاري آهي. ان ۾ بدڪاري ڪٿان آئي؟ عورت اهڙو ڪو به حق نه ٿي گهري رهي آهي جنهن جي بازار مردن صدين کان پنهنجي آسودگيءَ لاءِ گرم ڪري رکي آهي.

ان جنسي واپار تي مرد جو قبضو رهيو آهي. جنهن جو هو خاتمو چاهي ٿي. پدرشاهي خاندان هجي، يا سماجي لاڳاپا هجن، معاشي ميدان هجي يا سياست ۽ اقتدار جو ميدان. انهن سڀني تي مردن جي حڪمراني آهي. جنهن کي عورتن پاران چئلينج ڪيو ويو آهي. عورتن جي حق خودارادايت جو مطلب آهي سندس خودمختياري (ڀلي توهان ان کي مردن کان خودمختياري سمجهو). عورت آزاد ٿيندي، تعليم يافته ٿيندي، ماهر ٿيندي، مضبوط ٿيندي، ته پوءِ سماج ۽ مرد به آزاد ۽ مضبوط ٿيندا. عالمي سطح تي عورتن جي تحريڪ جو هڪ تمام نتيڙو حصو مردن کان مڪمل علحدگيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ته ته عورت تحريڪ، مرد ۽ عورت جي برابري ۽ گڏيل انصاف پرئي، انساني لاڳاپن جو مطالبو ڪري رهي آهي. خاندان، سماج ۽ رياست جي پدرشاهيءَ آمرتي ۽ غير انساني خصوصيتن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ سان ئي مرد ۽ عورت، انسان طور ۽ برابر ڀائيوارن جي حيثيت ۾ زندگيءَ جي فضيلتن ۽ آسائشن مان لطف اندوز ٿي سگهن ٿا ۽ اسان هڪ منصفاڻي انساني سماج ڏانهن اڳڀان وڌي سگهون ٿا. عورتون قدم وڌايو. مرد توهان سان گڏ آهن.

بقايا 01 ***

گئس جي دريافت، ريفائننگ جي سهولت فراهم ڪرڻ سان گڏ واهپيدارن کي بجلي ۽ گئس جي بنا وقفي فراهمي جي هدايت ڪري ڇڏي. وزيراعظم شهباز شريف اجلاس ۾ هدايت ڪئي ته واهپيدارن کي بجلي ۽ گئس جي بنا وقفي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، واهپيدارن کي سستي ايل پي جي ملي، صنعتن کي گئس فراهمي بنا وقفي يقيني بڻائي وڃي. هن هدايت ڪئي ته گئس تي سمارٽ ميٽرنگ سان خساري کي گهٽ ڪيو وڃي ۽ ايل پي جي جي شعبي جي سخت نگراني يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم چيو ته پاڪستاني سامونڊي حدن جي ايراضي بلوچستان کان به وڌيڪ آهي پر وسيلن جي استعمال لاءِ قدم ناهن کنيا ويا. موجوده حڪومت ملڪ ۾ پيٽروليم جي ريفائننگ جي صلاحيت وڌائيندي. شهباز شريف اجلاس ۾ گردشي قرض کي ختم ڪرڻ ۽ ڏکڻي حل لاءِ گڏيل حڪمت عملي به طلب ڪري ورتي.

بقايا 02 ***

، اويس لغاري، عطاالله تارڙ، شزا فاطمه، قيصر شيخ، رياض پيرزادا، محمد اورنگزيب، خالد مقبول صديقي شامل آهن. ان کانسواءِ امير مقام، احد چيمه، احسن اقبال، اسحاق ڊار، چوڌري سالڪ، خالد مقبول صديقي ۽ محسن نقوي به حلف کنيو آهي. 13 قومي اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻن سينيٽرن کي وفاقي ڪابينا جو حصو بڻايو ويو آهي، جڏهن ته 3 اڻ چونڊيل شخصيتون به وفاقي ڪابينا جو حصو آهن. اڻ چونڊيل شخصيتن ۾ محمد اورنگزيب، محسن نقوي ۽ احد چيمه شامل آهن. مطلب انهن کي ڪابينا جو حصو رهڻ لاءِ ايندڙ 6 مهينن ۾ قومي اسيمبلي يا سينيٽ جو ميمبر چونڊجڻ لازمي آهي. هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف اڄ ئي وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 03 ***

اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا چيو ته پهريان هنن کي خبر نه هئي ته لڪي نڪاح ڪيو ويو آهي، لڪي نڪاح ڪرڻ شريعت جي خلاف آهي. ٻار به پريشان آهن. صحافي سوال ڪيو ته ڇا ملازم محمد لطيف اوهان کي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي نه ٻڌايو؟ جنهن تي خاور مانيڪا چيو ته ملازم اشارو ئي ڪري سگهي ٿو، واضح نموني ٻڌائي نٿو سگهي. هن چيو ته ٻارن کي سندس ۽ بشريٰ بي بي جي طلاق جي ڄاڻ نه هئي ۽ نه ئي ڪين خبر هئي ته بشريٰ بي بي ۽ عمران خان لڪي نڪاح ڪيو آهي، ٻار مڃن ئي نٿا ته ٻنهي نڪاح ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن عدالت ٻڌڻي لاءِ آيو ته پهريون ڀيرو عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو نڪاح نامو ڏٺو. ٻارن کي عدالت مان حاضري ڪانپوءِ بشري بي بي جي نڪاح جو ٻڌايو. ڪين ٻڌايو ته جنوري 2018ع ۾ نڪاح ٿي چڪو آهي. هن وڌيڪ چيو ته منهنجا ٻار گذريل پنجن ورهين کان ڏکڻ ۾ آهن. مان ته عمران خان کي نٿو سڃاڻان. عدت ۾ نڪاح جو ڪيس سياسي نوعيت جو نه آهي، منهنجو گهر تباهه ڪيو ويو. مجبورن عدالت اچڻو پيو.

بقايا 04 ***

شهباز شريف عوامي نيشنل پارٽي جي سربراهه اسفنديار ولي جي گهرواريءَ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي انهن جي گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري تعزيتي بيان ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ منهنجون همدرديون ۽ دعائون سوڳوارن سان گڏ آهن. صدر وارثن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت جي لاءِ دعا ڪئي ۽ سوڳوارن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي.

بقايا 05 ***

۾ چونڊيل 52 سينيٽرز رٽائر ٿي رهيا آهن. جنهن ڪانپوءِ 48 سيٽن تي چونڊون ڪرايون وينديون. فاٽا جون 4 مخصوص سيٽون 25هين آئيني ترميم ڪانپوءِ ختم ٿي چڪيون آهن. جنهن سبب سينيٽ جون ڪُل سيٽون 100 مان گهٽجي 96 ٿي ويون آهن. اڄ رٽائر ٿيندڙ سينيٽرن ۾ ن ليگ جي حمايت سان چونڊيل 13، پ پ جا 12، پي ٽي آءِ جا 8، جمعيت علماءِ اسلام (ف)، پي ڪي ميپ ۽ نيشنل پارٽي جا 2_2، بلوچستان عوامي پارٽي جي حمايت سان چونڊيل 6، جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم ۽ فنڪشنل ليگ جو هڪ – هڪ سينيٽر شامل آهي.

بقايا 06 ***

عوام جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيدگي سان قدم کڻندي، اسان کي حڪومتي خرچن کي گهٽ ڪرڻو آهي، ملڪي معيشت ۾ بهتري آڻڻي آهي. هو ايوان صدر ۾ حلف برداري واري تقريب ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائي رهيو هو. هن چيو ته اسان اڳ ۾ به مشڪلاتن جو مقابلو ڪيو آهي، معاشي مشڪلاتن جي خاتمي لاءِ قدم کڻنداسين. هن چيو ته وزيراعظم اڳتي جي حڪمت عملي ڏيندو، اسان ان تي عملدرآمد يقيني بڻائينداسين.

بقايا 07 ***

خابرو ذريعن موجب صدر آصف علي زرداري پنهنجي نياڻي آصفا ڀٽو کي خاتون اول ڊڪليئر ڪندو. آصفا ڀٽو کي خاتون اول جو پروٽوڪول ڏنو ويندو. اهڙي ريت هو پهرين خاتون اول هوندي جيڪا صدر جي ڌيءَ آهي. آصفا ڀٽو عام چونڊن ۾ پنهنجي ڀاءُ بلاول ڀٽو زرداري جو ڀرپور ساٿ ڏنو. خيال رهي ته اهڙيون ڳالهيون ان وقت شروع ٿيون جڏهن پيپلزپارٽي جي سوشل ميڊيا اڪائونٽس تي آصف علي زرداري ۽ آصفا ڀٽو زرداري جي هڪ تصوير پوسٽ ڪئي وئي. تصوير جي ڪيپشن ۾ آصفا ڀٽو زرداري کي فرسٽ ليڊي لکيو ويو هو ممڪن آهي ته ڪيس شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عڪس طور ڄاڻايو ويو هجي.

بقايا 08 ***

چيو آهي ته وزيراعظم جي جعلي ڪابينا غير آئيني نگران حڪومت جو تسلسل لڳي رهي آهي. تحريڪ انصاف جي ترجمان موجب معيشت کي تباهه ڪندڙ ذميوارن کي اهم عهدن تي مقرر ڪرڻ عوام دشمني کانسواءِ ڪجهه ناهي. تحريڪ انصاف وڌيڪ چيو ته پ ب حڪومت جي 100 رڪني ڪابينا جي ڪارڪردگيءَ جي قيمت قوم ادا ڪري رهي آهي. تحريڪ انصاف جي ترجمان موجب محسن نقوي کي وفاقي ڪابينا ۾ شامل ڪرڻ نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن جي غير آئيني ڪردار جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. ترجمان چيو ته هو جعلي فارم 47 جي بنياد تي ناهيل غير آئيني ۽ جعلي ڪابينا کي مڪمل طور رد ڪن ٿا.

بقايا 09 ***

ڪارائتو، اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي حصيداري ۾ تبديل ڪرڻ کي ترجيح قرار ڏيندي چيو آهي ته روڊ ٽو مڪه پراجيڪٽ جو دائرو وڌائڻ سان پاڪستاني حاجين کي سهولت ملندي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪستان ۾ سعودي عرب جي سفير نواف بن سعيد احمد المالڪي سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن ساڻس ملاقاتون ڪيون، ملاقات ۾ وزيراعظم خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز ۽ ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان پاران سندس وزيراعظم جي عهدي تي ٻيهر چونڊ تي نيڪ خواهشن جي اظهار تي ٿورا مڃيا. پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ خصوصي ڀائيواراڻي لاڳاپن جو ذڪر ڪندي وزيراعظم چيو ته سعودي عرب جو سفير اهو پهريون غيرملڪي سفير آهي جيڪو وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ ڪانپوءِ ساڻس ملاقات ڪري رهيو آهي. وزيراعظم چيو ته سندس حڪومت جي ترجيح پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ آزمائش تي پورو لهندڙ ٻطرفن لاڳاپن کي گڏيل طور تي فائديمند، اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي حصيداري ۾ تبديل ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ ڌيان سعودي سيڙپڪاري کي پاڪستان ۾ منصوبن جي لاءِ راغب ڪرڻ تي رهندو، وزيراعظم "روڊ ٽو مڪه" پراجيڪٽ جو دائرو وڌائڻ تي سعودي عملدارن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته ان سان پاڪستاني حاجين کي سهولت ملندي. وزيراعظم کي سعودي عرب جي دوري جي دعوت ڏيندي سعودي سفير وزيراعظم کي سعودي قيادت پاران مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو هن چيو ته سعودي عرب مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير جي لاءِ سدائين قابل اعتماد حصيدار رهندو.

بقايا 10 ***

زرداري گارڊ آف آنر لاءِ بگيءَ ۾ سوار ٿي آيو. بلاول ڀٽو زرداري، آصفا ڀٽو زرداري، بختاور ڀٽو زرداري به تقريب ۾ شريڪ ٿيا. صدر آصف علي زرداري ايوان صدر جي عملي سان هٿ ملايو.

بقايا 11 ***

بابر سڌو ملاقات ڪئي ۽ پاڪ فضائيه جي پيشيوارانه معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وزيراعظم ميڊيا آفيس پاران جاري بيان موجب پاڪ فضائيه جي سربراهه وزيراعظم کي وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني.

بقايا 12 ***

ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن خيبر پختونخواهه مان قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ لاءِ جاري ڪيو. جنهن جو نمبر ايف 6 آف 2024 آهي. هوڏانهن جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان نوٽيفڪيشن رد ڪري جاچ جي درخواست ڪئي آهي. مولانا فضل الرحمان جي درخواست ۾ چيو ويو آهي ته صدف احسان نه پارٽي ميمبر آهي ۽ نه ئي اهو نالو اسان جي فهرست ۾ شامل آهي، سندس نوٽيفڪيشن رد ڪري حنا بي بي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي، درخواست ۾ چيو ويو آهي ته نوٽيفڪيشن غلطي سان جاري ٿيو يا ملي ڀڳت سان؟ اڻڄاتل عورت جي نوٽيفڪيشن جي جاچ ڪرائي وڃي.

بقايا 13 ***

رامي يوسف سميت ڪيترن ئي فنڪارن اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ جنگبندي لاءِ ڳاڙهين پنن کي لباس جو حصو بڻايو. ريڊ ڪارپيٽ تي انٽرويوءَ دوران رامي يوسف چيو ته هو غزا ۾ ترت ۽ مستقل جنگبندي جو مطالبو ڪن ٿا، هو هن ويڙهه ۾ هر هڪ جو تحفظ چاهن ٿا ۽ فلسطيني عوام لاءِ انصاف ۽ امن جا خواهشمند آهن. سندس چوڻ هو ته دنيا کي پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته معصوم ٻارن جو قتل عام بند ڪيو هي پنون انٽرٽينمينٽ انڊسٽري سان سلهاڙيل ماڻهن جي هڪ گروپ آرٽسٽ 4 سيزفائر مهم جو حصو آهي. آسڪرز ايوارڊ جي موقعي تي فلسطين جي حق ۾ مظاهرا ڪندڙ تنظيم پاران احتجاجي مظاهرو ڪندي روڊ بلاڪ ڪيا ويا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ۽ مختلف فنڪارن جنگبندي ۽ فلسطين جي آزادي جا نعرا پڻ هنيا.

بقايا 14 ***

الرحمان کي مينيج نه ڪري سگهيو ته حڪومت نه هلي سگهندي، احتساب عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته اسان به فارم 47 جي ايم اين اي ٿي پئي سگهياسين پر اسان جو پنهنجو رستو آهي. ان جي ته سزا ملي رهي آهي. هن چيو سڀ ڪيس ختم ٿيندا ته 9 مئي واقعن تي ڪيس شروع ٿي ويندا. حڪومت هلڻ بابت سوال تي فواد چوڌري چيو ته شهباز شريف جيڪڏهن فضل الرحمان کي مينيج نه ڪري سگهيو ته حڪومت نه هلي سگهندي، سندس چوڻ هو ته فضل الرحمان جيڪڏهن لانگ مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو ته حڪومت اڳتي نه وڌي سگهندي.

بقايا 15 ***

جي ججن، وڪيلن، بار ڪائونسل جي نمائندن ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تقريب ۾ تازو رٽائرڊ ٿيندڙ جج جسٽس سردار طارق مسعود به خاص طور شرڪت ڪئي. جڏهن ته حلف برداري تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جسٽس نعيم اختر افغان کان عهدي جو حلف ورتو. جنهن ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ جي ججن جو انگ 14 تي ويو پر عدالت ۾ ڪُل ججن جو انگ 17 هوندو آهي، جڏهن ته سپريم ڪورٽ ۾ هاڻ به 3 جايون خالي آهن. واضح رهي ته جسٽس نعيم اختر افغان بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طور فرض انجام ڏئي چڪو آهي.

بقايا 16 ***

جنگ بندي جو مطالبو ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ انتونيو گوتريس جو چوڻ آهي ته رمضان جو مقدس مهينو شروع ٿي ويو آهي جيڪو مسلمانن جي امن ۽ سلامتي کي فروغ ڏئي ٿو هن چيو ته مقدس مهيني ۾ به غزه ۾ بمباري، خونريزي ۽ قتل عام جاري آهي، رمضان المبارڪ جو احترام ڪندي غزه ۾ جنگبندي تي عمل ڪيو وڃي. انتونيو گوتريس اهو به مطالبو ڪيو ته غزه تائين امداد پهچائڻ ۾ رڪاوٽون هٽايون وڃن ۽ غزه مان يرغمالين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 17 ***

۽ پاڪستان جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي. ٻنهي صدرن گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو ورجاءُ ڪيو. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر چيو ته پاڪستان پاڙيسري ملڪ تاجڪستان سان لاڳاپن کي خصوصي اهميت ڏئي ٿو ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل مذهب، ثقافت ۽ تاريخ ۾ پاڙ ڄمايل آهن. هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفو تعاون وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو صدر پاڻي وسيلن جي اهم شعبي ۾ تاجڪستان سان ڪم ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو صدر آصف علي زرداري رمضان المبارڪ جو برڪتن وارو مهينو شروع ٿيڻ تي تاجڪ صدر کي مبارڪباد ڏني. هن تاجڪ صدر کي نوروز جي آمد تي پڻ مبارڪباد ڏني. ان موقعي تي تاجڪستان جي صدر امام علي رحمان صدر آصف علي زرداري کي تاجڪستان جي دوري جي دعوت پڻ ڏني. صدر مبارڪباد جي پيغام ۽ نيڪ خواهشن جي اظهار تي پنهنجي تاجڪ هم منصب جا ٿورا مڃيا.

بقايا 18 ***

جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ زونل ڪميٽين جا اجلاس به ٿيا. رمضان جو چنڊ نظر اچڻ جي پهرين شهادت لاهور مان وصول ٿي، جڏهن ته باضابطا اعلان مرڪزي چنڊ ڏسڻ ڪميٽي ڪندي.

بقايا 19 ***

. پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ صدر بائيڊن چيو ته رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر اچڻ ڪانپوءِ رمضان جو مقدس مهينو شروع ٿي ويو آهي، هن وڌيڪ چيو ته جيل بائيڊن ۽ منهنجي طرفان آمريڪا ۽ سڄي دنيا ۾ مسلمانن کي مبارڪون ۽ دعائون.

بقايا 20 ***

ته ٻين پارٽين کي مسلم ليگ ن کان وڌيڪ مخصوص سيٽون ڏنيون ويون. هڪ بيان ۾ ثوبيه شاهد چيو ته اليڪشن ڪميشن ٻين سياسي پارٽين کي مسلم ليگ ن کان وڌيڪ مخصوص سيٽون ڏنيون، هن چيو ته اليڪشن ڪميشن جي يو آءِ کي 10 ۽ ن ليگ کي 7 سيٽون الاٽ ڪيون آهن.

بقايا 21 ***

منو کهڙو واسي نسيم کهڙو طور ٿي، علائقي ۾ چوٻول آهن ته نسيم کهڙو کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيو ويو هو ان کان اڳ ٻن عورتن کي به ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيو ويو ۽ خدشو آهي ته نوجوان کي به ساڳئي واقعي ۾ قتل ڪيو ويو.

بقايا 22 ***

ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ڪي پي جي صحت واري وزير قاسم علي شاهه صحت جو قلمدان سنڀاليو ته هيلٿ سيڪريٽري محمود اسلم وزير ڪيس مختلف معاملن تي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي قاسم علي شاهه اعلان ڪيو ته جيڪو ٻارن کي پوليو جا ڦڙا نه پيئاريندو، ان جو سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪنداسين.

بقايا 23 ***

ٿيندي، سينيٽ جي جن سيٽن تي ضمني چونڊ ٿيندي، انهن ۾ يوسف رضا گيلاني، عبدالغفور حيدري ۽ نثار کهڙي جون خالي ڪيل سيٽون شامل آهن. جڏهن ته جام مهتاب، پرنس احمد عمر ۽ سرفراز بگٽي جي خالي سيٽن تي به اليڪشن ٿيندي. سينيٽ جي ضمني چونڊ اسلام آباد جي هڪ، سنڌ جي ٻن ۽ بلوچستان جي ٽن سيٽن تي ٿيندي.

بقايا 24 ***

نجي تعليمي ادارن ۾ غريبن جي ٻارن لاءِ ڪوٽا مخصوص ڪرائڻ ۽ ان تي عملدرآمد جي لاءِ قدم کنيا ويندا. اسلام آباد ۾ پنهنجي مان ۾ ڏنل آجيائي ۾ ڳالهائيندي حاجي رسول بخش چانديو چيو ته هاٿي چونڊن ۾ ڪامياب اهو ٿيندو جيڪو عوام سان رابطي ۾ هوندو ۽ عوام جا ڪم ڪندو، هن چيو ته بدين ضلعي جي مختلف شهرن ۾ ٻارن ۽ عورتن جي لاءِ پارڪن جي سخت ضرورت آهي، جيڪي پارڪ آهن انهن کي وڌيڪ سهولت ڏئي بهتر بڻايو ويندو، هن چيو ته بدين ۾ ترقياتي ڪم پهرين ترجيح آهن، عوام کي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ صدر آصف علي زرداري، پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ادي فريال ٽالپر پاران سخت هدايتون ڏنل آهن. هن چيو ته بدين ضلعي جي غريب ماڻهن جي ٻارن کي نجي تعليمي ادارن ۾ ڪوٽا ڏيارڻ ۽ ان تي عملدرآمد ڪرائڻ جي لاءِ سخت قدم کنيا ويندا. هن چيو ته بدين پاڪستان جو سڀ کان آخر وارو علائقو آهي، جتي غربت سڀ کان وڌيڪ آهي پر اسان عوام کي سهولتون فراهم ڪنداسين. هن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ هارين جي لاءِ ڪيٽريون ئي سهولتون آهن پر ان سهولت کي وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ ماڻهن کي آگاهي ڏني ويندي ته جيئن اهي ان مان لاڀ پرائي سگهن. هن چيو ته هاٿي چونڊن ۾ اهوئي ڪامياب ٿيندو جيڪو عوام سان رابطي ۾ هوندو ۽ انهن جا ڪم ڪندو، حاجي رسول بخش چانديو چيو ته آئون بدين جي عوام جو ٿورائتو آهيان جنهن مون کي ڪامياب ڪيو آهي، جڏهن ته ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ٿرپارڪر جي ضلعي صدر سينيٽر انجنيئر گيانچند چيو ته حاجي رسول بخش چانديو کي بدين جي عوام چونڊي پنهنجو هڪ بهتر نمائندو پارليامينٽ ۾ موڪليو آهي، حاجي رسول بخش چانديو جي ڪاميابي عوام جي ڪاميابي آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي غريبن جي پارٽي آهي ۽ حاجي رسول بخش چانديو جي گهر جا دروازا عوام جي لاءِ سدائين جي لاءِ کليل هوندا آهن ۽ هنن وٽ ڪڏهن به امير ۽ غريب جو ڪو به فرق ناهي رهيو، جنهن جي ڪري ئي عوام ايڏا وڏا ووٽ ڏئي کين ڪامياب ڪيو آهي. جڏهن ته ان موقعي تي ميرخان چانديو، رياض منگي، جانثار مهر، انجنيئر ابراهيم چانديو ۽ ٻيون شخصيتون موجود هيون.

بقايا 25 ***

وقفو 30 منٽن جو هوندو، جيڪو 2 کان اڍائي وڳي تائين هوندو، جمعي تي آفيسن جو وقت ساڍي اٺين وڳي کان 2 وڳي تائين هوندو، اسٽيٽ بئنڪ موجب رمضان المبارڪ ۾ بئنڪن ۾ عوامي ڏي وٺ (پبلڪ ڊيلنگ) سومر کان خميس تائين بنا ڪنهن وقفي جي صبح 9 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين هوندي، جڏهن ته جمعي تي عوامي ڏي وٺ ساڍي اٺين وڳي کان هڪ وڳي تائين هوندي.

بقايا 26 ***

ڪيو آهي ته جيڪڏهن ائين ٿيو ته ان عمل کي جارحيت سمجهيو ويندو. پرڏيهي ميڊيا موجب روس جي انٽيليجنس سروس (ايس وي آر فارن) دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪي صدر جو بائيڊن روس جي صدارتي چونڊن ۾ مداخلت جي تياري مڪمل ڪري ورتي آهي. روسي انٽيليجنس سروس دعويٰ ڪئي آهي ته واشنگٽن طرفان چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ آن لائن ووٽنگ سسٽم تي سائبر حملي جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. روس چيو آهي ته آمريڪا طرفان امڪاني مداخلت جي ڪنهن به ڪوشش کي جارحيت سمجهيو ويندو. روسي انٽيليجنس موجب جو بائيڊن آمريڪي اين جي اوز کي روس ۾ صدارتي چونڊن ۾ گهٽ ٽرن آئوٽ جو ٽاسڪ ڏنو آهي. جڏهن ته آمريڪي آءِ ٽي ماهرن جي مدد سان اليڪٽرانڪ ووٽنگ سسٽم تي سائبر حملا به ڪري سگهجن ٿا. جنهن سان وڏي انگ ۾ ووٽ شمار نه ٿي سگهندا.

بقايا 27 ***

ميڊيا موجب ڪيترن ئي شهرن ۾ مقامي سطح تي چنڊ ڏسڻ لاءِ ڪميٽين جا اجلاس ٿيا، لکنئو ۾ چنڊ نظر اچي ويو، جنهن ڪانپوءِ ڀارت ۾ اڱاري تي پهريون روزو هوندو، هوڏانهن بنگلاديشي چنڊ ڏسڻ ڪميٽي به ملڪ ۾ چنڊ نظر اچڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ اتي سياڻي پهريون روزو هوندو.

بقايا 28 ***

ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو فلسطيني ميڊيا جو چوڻ آهي ته 7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين اسرائيل جي حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 13 هزار کان وڌي ويو جڏهن ته 72 هزار 654 فلسطيني زخمي ٿي چڪا آهن. فلسطيني ميڊيا موجب، النصيرات پناهگير ڪيمپ ۽ المواسي ۾ بمباري، 15 ڄڻا شهيد ٿي ويا جڏهن ته غذائي کوٽ سبب هڪ وڌيڪ عورت دم ڏئي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ بک وگهي شهيد ٿيلن جو انگ 26 تي ويو ٻئي پاسي يهودي فوج فلسطينين کي نماز ۽ تراويحون پڙهڻ لاءِ مختلف مسجدن ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو. هوڏانهن حماس جو چوڻ آهي ته رمضان کان جنگ بندي معاهدي جي ناڪامي جو ذميوار اسرائيل آهي. ٻئي پاسي سعودي بادشاهه رمضان المبارڪ دوران غزه ۾ جنگي ڏوهه روڪڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شاهه سلمان بن عبدالعزيز جو چوڻ آهي ته عالمي برادري فلسطينين خلاف بربريت کي روڪرائي، امداد جي پهچ لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي، هن مسلمانن کي اپيل ڪئي ته پنهنجي فلسطيني ڀائرن کي ڪڏهن به نه وسارجو

بقايا 29 ***

جي واڌ ڪئي وئي، سول ايوي ايشن ترجمان موجب في الحال جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي ڪار پارڪنگ جا معاملا انتظاميا پاڻ ڏسي رهي آهي. ترجمان چيو ته پارڪنگ فيس ۾ سالياني واڌ نه پئي ڪئي وڃي، مهانگائي جي رجحانن جي پيٽ ۾ اها واڌ نه هجڻ برابر آهي. ترجمان ٻڌايو ته آخري پارڪنگ ٺيڪو فيبروري 2024 ۾ ختم ٿيو، جنهن ڪانپوءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪار پارڪنگ جو ٺيڪو رواجي ٽينڊر پاليسي تحت جاري ٿيو.

بقايا 30 ***

ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب جمعيت علماءِ اسلام (ف) عيد کان پوءِ وڏي احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي ۽ ان سلسلي ۾ مرڪزي قيادت سڄي ملڪ جي ضلعي قيادت کي هدايتون جاري ڪندي احتجاجي جلسن ۽ مظاهرن جي شيڊول لاءِ تجويزون طلب ڪري ورتيون آهن. ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جي يو آءِ (ف) طرفان حڪومت کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ عيد کان فورن بعد وڏي پيماني تي چئني صوبن ۾ احتجاج ڪيو ويندو. ياد رهي ته مولانا فضل الرحمان عام چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي تي نتيجن کي رد ۽ اپوزيشن ۾ ويهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان جو موقف آهي ته اسان جي مجلس عامله چونڊ نتيجن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻوڪي چونڊن ۾ ٿيل ڌانڌلي 2018 جو به رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن جي شفاف چونڊن واري بيان کي رد ڪريون ٿا.

بقايا 31 ***

هڪ ڏوهه جي رڪارڊنگ موجود آهي، انهن جوابدارن جو پتو نه لڳايو ويو؟ هن اٽارني جنرل کي مخاطب ٿيندي چيو ته هي ڪهڙي قسم جو آءِ جي آهي؟ ان آءِ جي کي هٽائڻ گهرجي، چار سال ٿي ويا، ڇا توهان کي چار صديون گهرجن؟ چيف جسٽس آءِ جي اسلام آباد کي چيو ته سڄو ملڪ توهان جي ڪارڪردگي ڏسي رهيو آهي، آءِ جي اسلام آباد جي رويي مان لڳي ٿو ته هو سهولتڪاري ڪري رهيو آهي، ڪنهن صحافي کي گولي هڻي ڇڏيو، ڪنهن تي تشدد ڪيو ڪنهن کي ڪنهن جي سيف سٽي ڪئميرائون خراب ٿي وينديون آهن. ٻڌڻي دوران بئرسٽر صلاح الدين عدالت کي ٻڌايو ته اسد طور هن وقت جيل ۾ آهي، جنهن تي چيف جسٽس سوال ڪيو ته جيل ۾ ڇو آهي؟ ان تي بئرسٽر صلاح الدين ٻڌايو ته اسد طور خلاف هڪ ايف آءِ آر داخل آهي. چيف جسٽس چيو ته اسد طور خلاف ڪيس ۾ سنگين نوعيت جا قلم لاڳو ڪيا ويا آهن، حساس ڄاڻ سميت ٻيا قلم ڪيئن لاڳو ٿيندا آهن؟ انڪوائري نوٽيس ۾ لکيو ويو ته عدليا خلاف مهم تي طلب ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ايف آءِ آر ۾ عدليا خلاف مهم جو ذڪر ئي ناهي، هي ته عدليا جي ڪلهي تي رکي بندوق هلائي وئي آهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته ڇو نه ايف آءِ اي کي توهين عدالت جو نوٽيس ڏيون، سپريم ڪورٽ جي ڪنهن به جج ۽ نه رجسٽرار ايف آءِ اي کي شڪايت ڪئي، سپريم ڪورٽ جو نالو استعمال ڪري تاثر ڏنو ويو ته جڻ عدليا جي چوڻ تي ڪارروائي ٿي، ائين ته عوام ۾ عدليا جو اميج خراب ٿيندو. چيف جسٽس سوال ڪيو ته ڇا اسان عدليا کي بدنام ڪرڻ تي ايف آءِ اي جي خلاف ڪارروائي ڪرائي سگهون ٿا؟ ايف آءِ اي جا لاڳاپيل آفيسر پاڻ عدليا جي بدنامي جو سبب بڻجي رهيا آهن. آءِ ايس آءِ جو نمائندو جي آءِ ٽي ۾ ڪيئن ٿو شامل ٿي سگهي؟ آءِ ايس آءِ انٽيليجنس ايجنسي آهي قانون لاڳو ڪندڙ ادارو نه، قانون لاڳو ڪرڻ آءِ ايس آءِ جي اختيارن جي دائري ۾ ناهي.

بقايا 32 ***

رمضان المبارڪ جي مهيني جي دوران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ جون لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون، ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي صدارت هيٺ رمضان المبارڪ جي انتظامن جي حوالي سان چيئرمين سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ٿي گذريو، اجلاس ۾ سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله سميت سمورا چيف، سپرنٽينڊنگ ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرز شريڪ هئا. ان موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن هدايتون ڏيندي چيو ته رمضان المبارڪ جي دوران سڄي شهر بلخصوص مسجدن، مدرسن ۽ عبادت گاهن جي ڀرپاسي ۾ لائينن جي صفائي، ٽٽل مين هول جي اڏاوت، سڙيل سيوريج لائينن جي مٽاسٽا ۽ پاڻي جي لائينن مان ليڪيجز ختم ڪرڻ سميت پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا ٻيا سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن، سي اي او واٽر ڪارپوريشن سيوريج جي سمورن ايگزيڪيوٽو انجنيئرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته رمضان المبارڪ جي دوران سيوريج جو پاڻي ڪنهن به هنڌ بيٺل نه هئڻ گهرجي ته جيئن هن بابرڪت ۽ مقدس مهيني ۾ عبادت ڪندڙن ۽ نمازين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿئي، سي اي او واٽر ڪارپوريشن چيف انجنيئر اي اينڊ ايم کي هدايت ڪندي چيو ته ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا کي پابند ڪيو وڃي ته پمپنگ اسٽيشن کي پاڻي جي فراهمي دوران لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ ڏني وڃي ۽ اوچتو بريڪ ڊائون کان پاسو ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي پاڻي جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائي سگهجي، هن انچارج هائيڊرنٽس سيل کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته رمضان المبارڪ دوران مسجدن، مدرسن ۽ عبادت گاهن ۾ پاڻي جا ٽينڪرز فراهم ڪيا وڃن، ان کان علاوه هن سمورن ضلعن جي سپرنٽينڊنگ انجنيئرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته رمضان المبارڪ جي مهيني دوران قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن، ٽائون چيئرمينن، ڊي سين، مذهبي ۽ فلاحي تنظيمن سميت عالمن ۽ محلا ڪميٽي جي عهديدارن سان مڪمل رابطي ۾ رهن، ان موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن جو چوڻ هو ته رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ڪنهن به عبادت کان گهٽ نه آهي ڇاڪاڻ ته رمضان المبارڪ بابرڪت ۽ مقدس مهينو آهي ۽ هن مهيني ۾ مسلمان الله تعاليٰ جي رضا لاءِ عبادت ڪندا آهن ان ڪري شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن ڪين ڪنهن به پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهرين جي پريشاني اسان جي پنهنجي پريشاني آهي انڪري اسين پنهنجي محدود وسيلن جي باوجود سمورا قدم مڪمل ڪري شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪنداسين ڇاڪاڻ اهو اسان جي ذميواري ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 33 ***

نجي تعليمي ادارن ۾ غريبن جي ٻارن لاءِ ڪوٽا مخصوص ڪرائڻ ۽ ان تي عملدرآمد جي لاءِ قدم کنيا ويندا. اسلام آباد ۾ پنهنجي مان ۾ ڏنل آجيائي ۾ ڳالهائيندي حاجي رسول بخش چانديو چيو ته هاٿي چونڊن ۾ ڪامياب اهو ٿيندو جيڪو عوام سان رابطي ۾ هوندو ۽ عوام جا ڪم ڪندو، هن چيو ته بدين ضلعي جي مختلف شهرن ۾ ٻارن ۽ عورتن جي لاءِ پارڪن جي سخت ضرورت آهي، جيڪي پارڪ آهن انهن کي وڌيڪ سهولت ڏئي بهتر بڻايو ويندو، هن چيو ته بدين ۾ ترقياتي ڪم پهرين ترجيح آهن، عوام کي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ صدر آصف علي زرداري، پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ادي فريال ٽالپر پاران سخت هدايتون ڏنل آهن. هن چيو ته بدين ضلعي جي غريب ماڻهن جي ٻارن کي نجي تعليمي ادارن ۾ ڪوٽا ڏيارڻ ۽ ان تي عملدرآمد ڪرائڻ جي لاءِ سخت قدم کنيا ويندا. هن چيو ته بدين پاڪستان جو سڀ کان آخر وارو علائقو آهي، جتي غربت سڀ کان وڌيڪ آهي پر اسان عوام کي سهولتون فراهم ڪنداسين، هن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ هارين جي لاءِ ڪيٽريون ئي سهولتون آهن پر ان سهولت کي وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ ماڻهن کي آگاهي ڏني ويندي ته جيئن اهي ان مان لاڀ پرائي سگهن. هن چيو ته هاٿي چونڊن ۾ اهوئي ڪامياب ٿيندو جيڪو عوام سان رابطي ۾ هوندو ۽ انهن جا ڪم ڪندو، حاجي رسول بخش چانديو چيو ته آئون بدين جي عوام جو ٿورائتو آهيان جنهن مون کي ڪامياب ڪيو آهي، جڏهن ته ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ٿرپارڪر جي ضلعي صدر سينيٽر انجنيئر گيانچند چيو ته حاجي رسول بخش چانديو کي بدين جي عوام چونڊي پنهنجو هڪ بهتر نمائندو پارليامينٽ ۾ موڪليو آهي، حاجي رسول بخش چانديو جي ڪاميابي عوام جي ڪاميابي آهي، هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي غريبن جي پارٽي آهي ۽ حاجي رسول بخش چانديو جي گهر جا دروازا عوام جي لاءِ سدائين جي لاءِ کليل هوندا آهن ۽ هنن وٽ ڪڏهن به امير ۽ غريب جو ڪو به فرق ناهي رهيو، جنهن جي ڪري ئي عوام ايڏا وڏا ووٽ ڏئي کين ڪامياب ڪيو آهي. جڏهن ته ان موقعي تي ميرخان چانديو، رياض منگي، جانثار مهر، انجنيئر ابراهيم چانديو ۽ ٻيون شخصيتون موجود هيون.

بقايا 34 ***

خابرو ذريعن موجب صدر آصف علي زرداري پنهنجي نياڻي آصفا ڀٽو کي خاتون اول ڊڪليئر ڪندو. آصفا ڀٽو کي خاتون اول جو پروٽوڪول ڏنو ويندو. اهڙي ريت هو پهرين خاتون اول هوندي جيڪا صدر جي ڌيءَ آهي. آصفا ڀٽو عام چونڊن ۾ پنهنجي ڀاءُ بلاول ڀٽو زرداري جو ڀرپور ساٿ ڏنو. خيال رهي ته اهڙيون ڳالهيون ان وقت شروع ٿيون جڏهن پيپلزپارٽي جي سوشل ميڊيا اڪائونٽس تي آصف علي زرداري ۽ آصفا ڀٽو زرداري جي هڪ تصوير پوسٽ ڪئي وئي. تصوير جي ڪيپشن ۾ آصفا ڀٽو زرداري کي فرسٽ ليڊي لکيو ويو هو ممڪن آهي ته ڪيس شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عڪس طور ڄاڻايو ويو هجي.

بقايا 35 ***

ڪيو آهي ته جيڪڏهن ائين ٿيو ته ان عمل کي جارحيت سمجهيو ويندو. پرڏيهي ميڊيا موجب روس جي انٽيليجنس سروس (ايس وي آر فارن) دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪي صدر جو بائيڊن روس جي صدارتي چونڊن ۾ مداخلت جي تياري مڪمل ڪري ورتي آهي. روسي انٽيليجنس سروس دعويٰ ڪئي آهي ته واشنگٽن طرفان چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ آن لائن ووٽنگ سسٽم تي سائبر حملي جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. روس چيو آهي ته آمريڪا طرفان امڪاني مداخلت جي ڪنهن به ڪوشش کي جارحيت سمجهيو ويندو

بقايا 01 سنڌيار

يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي احتجاج ڪرڻ جو جِتاءَ ڏيئي ڇڏيو، تفصيل موجب ڪل سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن جي عهديدارن صدر ڊاڪٽر علي نواز گبول، سيڪريٽري منير خان مگسي، انفارميشن سيڪريٽري روي راجپوت، ضلع اوڀر صدر ستار ڏاهري، ضلعي سيڪريٽري عبدالواحد مغيري، ضلع اولہ صدر غلام شبر راڄپر، فاروق پنگوار، محبوب علي ڪوسو، مير حاصل مري، ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ پيپلز پارٽي يو سي سچل ۽ سفوران ٽائون جي نمائندن قيادت کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم جي جذبن سان مزاڪ ڪندي سچل گوٺ ڪراچي ۾ شروع ڪان سائين جي ايم سيد جي نالي سان نهيل گرائونڊ جو نالو تبديل ڪري ملٽي پر پز اسپورٽس رکيو ويو آهي. اسين سمجهون ٿا تہ هي ڪرپٽ بي ايمان حڪمران سائين جي ايم سيد جي نالي کان خوفزده ٿي ۽ پنهنجا ريٽ وڌائڻ لاءِ گرائونڊ جو نالو تبديل ڪيو آهي. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن ان ڪڏي ۽ غليظ عمل جي سخت لفظن ۾ نندا ڪندي اهو مطالبو ٿي ڪري تہ فوري طور تي سائين جي ايم سيد جو نالو بحال ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو

بقايا 02 سنڌيار

المبارڪ تائين صبح ڏهين کان شام ساڍي پنجين وڳي تائين کليل رهندو شڪايتي ڊيسڪ ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار سرفراز احمد ڪنڊ (موبائل نمبر 03003416195)، اسسٽنٽ مختيارڪار غلام مرتضي زرداري (موبائل نمبر 03003283137) ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار امير حسين زرداري (موبائل نمبر 03003221792) جي ڊيوٽي لڳائي وئي آهي جڏهن تہ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار نواب شاهہ کي شڪايتي ڊيسڪ جي نگرانيءَ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن عوام صبح 10 کان شام ساڍي پنجين وڳي تائين شڪايتي ڊيسڪ ۾ پنهنجون شڪايتون داخل ڪرائي سگهي ٿي.

بقايا 03 سنڌيار

جي ٻيڙي جيڪا اٺ ڏينهن پهرين حجامڙو ڪريڪ وٽ اونڌي ٿيڻ سبب 45 مهاڻا ٻڏي ويا هئا، جن مان 31 مهاڻن کي بچايو ويو هو جڏهن تہ ٻڏي گم ٿي ويل 14 مهاڻن مان 5 ڄڻن جا لاش هٿ ڪيا ويا آهن جن جي سڃاڻپ حسين پورو، عالم، هاشم ۽ شڪيل نالي سان ڪئي وئي آهي جڏهن 5 لاشن مان ملندڙ هڪ مهاڻي جي نالي جي تصديق ناهي ٿي سگهي ملندڙ لاشن مان چئن ڄڻن جو تعلق ابراهيم حيدري جڏهن تہ هڪ فوتي جو تعلق سجاول ضلعي سان ٻڌايو پيو وڃي ابراهيم حيدري جي مهاڻن جا لاش گهر پهچڻ تي سنڌن گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو. ٻئي طرف ضلعي انتظاميا نئون مطابق سمنڊ اونهو هجڻ سميت تيز لهرن سبب ڳولا ۾ مشڪلاتن پيش اچي رهيون آهن جڏهن تہ ڳولا لاءِ پاڪ نيوي، ايڌي جا رضاڪار توڙي سمنڊ ۾ شڪار لاءِ ويل مهاڻن سميت ٽوبن جي مدد پڻ حاصل ڪئي پئي وڃي.

بقايا 04 سنڌيار

جي بازيابي توڙي گهوٽڪي ضلعي اندر بدامني خلاف خانپورمهر جي هندو برادري جي ماڻهن توڙي سول سوسائٽي پاران سورج ڪمار، ماڌا رام، مکي چندر ٻان، استاد ڪرشن لال، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. احتجاج ۾ شريڪ ماڻهن بدامني ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي، جڏهن تہ پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻڻ بعد پنج گلي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ گهوٽڪي ضلعي جي پوليس بدامني تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، اغوا، قتل ۽ ڦرن جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن. سنڌ حڪومت ۽ گهوٽڪي پوليس ڏاڙيلن آڏو بيوس بڻيل آهي. ڪيتراڻي مغوي ڏاڙيلن جي قيد ۾ آهن، مظاهرين چيو تہ مهينو ٿي ويو آهي پر پوليس ميرپورماٿيلو واسي نوجوان رتڪ ڪمار کي بازياب ناهي ڪرائي سگهي، هنن وڌيڪ چيو تہ غريب ماڻهن وٽ ڪاٺ لاءِ پيسا ناهن تہ هو ڀنگ ڪيئن ڀريندا. خدارا ڪجهہ غريبن جي حال تي رحم ڪاٿو هن وقت سنڌ ۾ هندو برادري غير محفوظ بڻيل آهي اسين ڪاروبار بہ نٿا ڪري سگهون. اسان کي هٿ سان لڏائڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي، احتجاج ڪندڙن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور گهوٽڪي ضلعي اندر وڌندڙ بدامني تي ضابطو آندو وڃي ۽ مغوي رتڪ ڪمار سميت سمورن مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا 05 سنڌيار

تي بدين ضلعي جي ساحلي پٽيءَ جي پٽني پيل يوسين پگڙا ميمڻ، پدمي، سيراڻي غريب 400 خاندانن ۾ رمضان راشن پيڪيج ورهايو ويو ورهاست دوران ريجنل مينيجر سيد عديل احسن، ريجنل آپريشنز مينيجر ڪاشف علي قريشي ۽ لائيولي هوڊ آفيسر دانش عرفان ۽ بدين آفيس انچارج غلام مرتضي لغاري ۽ ٻين مستحقين ۾ راشن تقسيم ڪيو ڪاشف علي قريشي وڌيڪ ٻڌايو تہ بدين جي ٻوڏ متاثر علائقن لاءِ مسلم هينڊس اڳ بہ ايمرجنسي شيلٽر ڪٽ، گهرن جي تعمير وغيره لاءِ اڳ بہ ڪم ڪندي رمضان شريف جي آمد تي ڪراچي جي ساحلي پٽيءَ غريب ماهيگير ۽ مزدور خاندانن ۾ روزانو افطاري ورهائي ويندي

بقايا 06 سنڌيار

ڦرتيل مهراڻ ڪار ۽ هڪ منشيات فروش کي 12 ڪلو سوپاري، ٻہ هزار گٽڪن سميت هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪري گرفتار ڪيو ويو. ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي جي حڪم تي ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪندي ايس ايڇ او بنورو ميرمحمد ڳاڏهي اطلاع ملڻ تي مختلف رستن جي ناڪابندي ڪري بنورو ويجهو جوڳي سر نالي وٽان بنورو شهر مان چوري ٿيل مهراڻ ڪار هٿ ڪري مهراڻ ڪار جي مالڪ ڪراچي شهر جو رهواسي اسلام دين کي ڳهرائي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي وئي، ٻئي طرف ايس ايڇ او ڏڙو ديدار بروهي چيڪنگ دوران ڏڙو ويجهو ابڙال روڊ تي ڇاپو هڻي منشيات فروش جوابدار حفيظ الله ميمڻ کي 12 ڪلو سوپاري، 2000 هزار گٽڪا ۽ ان ۾ ٿيندڙ متيريل هڪ موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪري جوابدار خلاف گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 07 سنڌيار

آف پيس خيرپور جي اجازت سان سنت نبوي تي عمل ڪندي نڪاح ڪري شادي ڪئي آهي، جنهن تي اسان جا گهر ڀاتي اسان کان سخت ناراض آهن. ۽ هو اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. جنهن جي ڪري اسان انتهائي ذهني پريشاني جو شڪار آهيون. اسان پنهنجي رضا خوشي سان پرسڪون زندگي گذارڻ چاهيون ٿا جيڪي اسان جي مائٽن کي قبول ناهي، هنن وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو، ايس ايس پي شڪارپور سميت ٻين اختيارين کان گهر ڪئي تہ اسان کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري اسان جون جانيون محفوظ بڻايون وڃن.

بقايا 08 سنڌيار

وارثن پاران فلور مل وٽ انڊس هاءِ وي روڊ تي ٽائر ڪي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اغوا ٿيلن مان علي بار، ذيشان، شمن علي، سهرياڻي بہ شامل آهي، ڌرڻي سبب سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۾ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، مسافر پريشان، هڪ هفتو اڳ اسان جي يرغمالين کي اغوا ڪيو ويو، پر پوليس بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام، احتجاجيرغمال ٿيلن جي بازيابي تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو چورن جي مسلسل وارداتن سبب شهري عدم تحفظ جو شڪار، اغوا جي واقعن ۾ اضافو

بقايا 09 سنڌيار

واهپي جي شين جا اگهہ مقرر ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن مطابق دال ماش في ڪلو 470 روپيا ، دال منگ ڌوتل هڪ نمبر 320 روپيا في ڪلو، دال مگ (بي) ڌوتل 270 روپيا في ڪلو، دال مگ ثابت 270 روپيا في ڪلو، دال مگ ڇلڪا 380 روپيا ڪلو، دال مسور (اي) في ڪلو 320 روپيا، دال مسور (بي) 300 روپيا في ڪلو، دال مسور ثابت 300 روپيا في ڪلو، دال ڇڻا (اي) 250 روپيا في ڪلو، دال ڇڻا (بي دال چولا) 240 روپيا في ڪلو، اڇا ڇڻا 9 ايم ايم 400 روپيا في ڪلو، اڇا ڇڻا 7 ايم ايم 370 روپيا، ڇڻا ڪارا وڏا 300، نندا 280 رپيا في ڪلو، ڇڻا اڇا سنڌ 7 ايم ايم ۽ 8 ايم ايم 280 روپيا في ڪلو، بيسڻ اي ڪوالٽي 290 روپياءِ بيسڻ بي ڪوالٽي 260 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل چانور (اي) نوان 310 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل چانور (اي) پراڻا 320 روپيا في ڪلو، ڪرنل اسپيشل (پراڻا 1121) 380 روپيا في ڪلو، ڪرنل چانور اسپيشل (نوان 1121) 360 روپيا ڪلو، چانور 386، 220 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل ٽوٽا نوان 350 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل ٽوٽا (پراڻا) 390 روپيا في ڪلو، ڪائنات سيلا (اي) چانور 350 روپيا في ڪلو، ٽوٽا اي ڪائنات 280، سپر ڪرنل باسمتي (اي) 310 روپيا، سپر ڪرنل باسمتي (بي) 280 روپيا، اڌڙ باسمتي (اي) 300 روپيا، چانور ايري 6، 150 روپيا ڪلو، ايري نمبر 9، 160 روپيا ڪلو، پونيا 1121 پراڻا 330 روپيا في ڪلو، ڳاڙها مرچ لونگي (انگريندر) 750 روپيا في ڪلو، ڳاڙها مرچ پراڻا (پائوڊر) 800 روپيا في ڪلو، ڌاڻا (پينل) 680 روپيا في ڪلو، ڌاڻا (انگريندر) 650 روپيا في ڪلو، زيرا (اڇو) ايراني نمبر هڪ 2600 روپيا، زيرا (ڪارا) خر 2100 روپيا في ڪلو، دال چيني 1050 روپيا في ڪلو، وڏي الائيچي (ڪاري انڊين) 6300 روپيا في ڪلو، ننڍي الائيچي (سائي) هڪ نمبر 6050 روپيا في ڪلو، لونگ نمبر هڪ 3850 روپيا في ڪلو، لونگ (چائنا) 1700 روپيا، ڪارا مرچ ثابت 1850 روپيا في ڪلو، ڪارا مرچ (پائوڊر) 2000 روپيا في ڪلو، هلدي (پائوڊر) 540 روپيا في ڪلو، چاٽ مصحالو 500 روپيا في ڪلو، ڪليل لوز آئل (ڪينولا) هڪ نمبر 410 روپيا في ڪلو، تيل سرنهن 360 روپيا في ڪلو، وڏو گوشت مينهن جو 500 روپيا في ڪلو، وڏو ڳائو گوشت 750 روپيا في ڪلو، متن گوشت 1600 روپيا ڪلو، کير 195 روپيا في ڪلو، ڏهي 270 روپيا في ڪلو، مڇي 3 ڪلوکان وڏو ڪرڙو 650 روپيا، مڇي 2 ڪلو کان گهٽ واري 550 روپيا، مڇي تيلي 370 روپيا في ڪلو اگهہ مقرر ڪيو ويو آهي جي قيمتون فوري نافذ عمل هونديون نوٽيفڪيشن موجب ڪنڊ، فائن اٽو، چڪي جو اٽو ميدو، سوجي مارڪيٽ جي ريٽ موجب وڪرو ڪيون وينديون جڏهن تہ پاڪيٽن ۾ بند شين جهڙوڪ پتي، خشڪ کير، ڪاجرو تيل ۽ گيہ ، فلٽر پاڻي جون بوتلون، جوس، دوائون، ڪيميڪل ٻج ۽ سيمنٽ ڏبن/ٿيلهن تي لکيل اگهن موجب وڪرو ڪيو وينديون. زنده مرغي توڙي گوشت سميت مختلف ميوا، ڀاڄيون، ۽ ٻيڻا مارڪيٽ ڪميٽي جي روزانو بنيادن تي مقرر ڪيل اگهن موجب وڪرو ڪيا ويندا. ڊپٽي ڪمشنر واپارين کي مشورو ڏنو آهي تہ هو رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني جي تقدس کي برقرار رکندي روز مره جي کاڌ خوراڪ جون شيون مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو ڪن ۽ ذخيره اندوزي کان پاسو ڪن. هن عوام کي اپيل ڪئي آهي تہ ضلعي انتظاميہ جي مقرر ڪيل اگهن تي شيون خريد ڪن اگر ڪوبہ دڪاندار وڌيڪ اگهہ وٺي تہ ان جو اطلاع انتظاميہ کي ڏنو وڃي تہ جئين وڌيڪ اگهہ وٺندڙ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري سگهجي.

بقايا 10 سنڌيار

چانڊيہ اسڪول جي پلاٽ تي ٿيندڙ قبضن جو نوٽيس وٺي ڪاروائي ڪرڻ حڪم ڏئي ڇڏيو، ڊپٽي ڪمشنر سجاول عبدالواجد شيخ سجاول شهر جي مين گورنمينٽ پرائمري چانڊيہ اسڪول جو دورو ڪري اسڪول جي پلاٽ تي ناجائز قبضن جو نوٽيس وٺي هڪ ليٽر پڻ جاري ڪيو جنهن بعد اي ڊي سي ٽو ۽ مختيارڪار سجاول جي نگراني ۾ اسڪول جي آس پاس ٿيل غيرقانوني قبضن خلاف ڪاروائي شروع ڪئي وئي، ان موقعي تي اسڪول جو هيڊ ماستر نثاراحمد ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ چانڊيہ اسڪول جي تاريخ آهي هي اسڪول 1940ع ۾ قائم ٿيو هن اسڪول جي زمين ٽوٽل ايراضي 7 ايڪڙ 19 گهنٽا آهي، هن اسڪول ۾ هزار کان مٿي ٻار پڙهن ٿا، ايشين ڊولپمينٽ بينڪ پاران هڪ نئو چانڊيہ هاءِ اسڪول جي نالي سان پروجيڪٽ ڏنو آهي جنهن جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي، پر ڪجهہ بااثر ماڻهو هن ڪم ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا آهن، هن ضلع انتظاميہ توڙي سياسي سماجي ۽ سجاول شهر جي باشعور عوام کي اپيل ڪئي تہ هن نيڪ ڪم ۾ اسان جو ساٿ ڏيو هي چانڊيہ اسڪول جي امانت آهي اسڪول جي پلاٽ تي ٿيندڙ ناجائز قبضن کي هٽائڻ ۾ مدد ڪريو.

بقايا 11 سنڌيار

آهي تہ ديہ انڙڪي تپہ نئون پٽون ۾ منهنجي 16 ايڪڙ زرعي زمين آهي. جيڪا مون سيد سائين ڏنو شاهہ کي وڪرو ڪري ڏني آهي، جنهن جو ڪاٿو پڻ ڪري ڏنو آهي، پر هڪ فرادي ماڻهو ماهي خان رند جيڪو ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي منهنجي خلاف سيشن ڪورٽ بدين ۾ پنگريو ٿاڻي تي مون خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو درخواستون ڪيون آهن ۽ مون کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، مون کي بااثر ماهي خان رند مان جان جو خطرو آهي، هن سيشن جج بدين، ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ مون خلاف ڪيل ڪوڙيون درخواستون ختم ڪيون وڃن ۽ مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 12 سنڌيار

انڙ ٻڌايو تہ اڳ بہ اهڙيون چوريون ٿيون آهن ۽ اين سي بہ داخل آهن پر پوليس ڪابہ رڪوري ڪرائي نہ ڏني آهي هن مطالبو ڪيو تہ مسجد جي بيٽري واپس ڪرائي وڃي.

بقايا 13 سنڌيار

پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو امجد ميمڻ، ذوالفقار جلباڻي، مختيار علي شاهہ، يونس راڄپر، عاجز نوح پوٽو، شاهد چنہ، عتيق الرحمان وسطڙو، مسرور چانڊيو، امتياز سومرو، مولابخش مشوري، نور محمد ڪنڊ، سذير علي ميرالي، غفار عباسي، سوز جتوئي ۽ ٻين دل شرنائين سان ايم ظفر تگڙ متان گلن جي ورکا ڪئي. سنڌي ادبي سنگت جي نوشهرو فيروز ضلعي جي 34 اليڪٽورل ڪاليج جي ووٽن مان ايم ظفر تگڙ 22 ۽ مظهر خاصخيلي 12 ووٽ کنيا.

بقايا 14 سنڌيار

تي بازياب نہ ٿيڻ جي صورت ۾ عيدالفطر تي پاڻ کي باهہ ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، ٽنڊو محمد خان جي پريس ڪلب ۾ ڳوٺ بجر خان ٽالپر جي رهواسي 80 سالا پيرسن عورت مسمات جنت بي بي زال بصر خاصخيلي احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي تہ منهنجي نياڻي 35 سالا غفران زال محمد شريف خاصخيلي 5 سالن کان گم ٿي وئي آهي جنهن جو اڄان تائين ڪو بہ ڏس پتو ملي نہ سگهيو آهي ، هو ڪٿي آهي ، هاڻي زنده آهي يا ڪيس ڪنهن قتل ڪيو آهي جنهن بابت ڪيس ڪو بہ اطلاع نہ ملڻ تي هو مجبور ٿي هاڻي احتجاج ڪري رهي آهي ، ڪيس سنڌس نياڻي جي گم ٿيڻ جو غم هاڻي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ، سنڌس گم ٿيل نياڻي کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي. ڪيس بازياب نہ ڪرايو ويو تہ هو عيدالفطر تي پاڻ کي باهہ ڏيئي ساڙيندي جنهن جي ذميواري انتظاميہ هوندي.

بقايا 15 سنڌيار

ماڇيءَ واسي 25 سالا شادي شده نوجوان سعيد احمد ولد محمد اقبال سولنگي وڻ ۾ ڦاهو کائي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو. اهڙي خبر پوڻ ڪانپوءِ سنڌس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو . جڏهن تہ واقعي جو اصل ڪارڻ ڪاروبار ۾ نقصان پوڻ ۽ گهرو اڻبڻت ٻڌائي پئي وڃي ، هوڏانهن اهڙي واقعي ڪانپوءِ منياڻي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وڻ ۾ ٽنگيل لاش لهرائي پوسٽ مارٽم لاءِ منياڻي اسپتال بعد ۾ نوشهرو فيروز سول اسپتال ڏانهن ڪٽائي وئي ، جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ، ٻئي طرف لاش گهر پهچڻ تي فوتيءَ جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ، واضح رهي تہ آپگهات ڪندڙنوجوان سعيد سولنگي منياڻي شهر ۾ ڪريانہ جو دوڪان هلائيندو هيو ، آخري اطلاع موجب منياڻي پوليس واقعي جو اڃا تائين ڪو بہ ڪيس وغيره داخل ناهي ڪيو

بقايا 16 سنڌيار

۾ ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو آهي تہ گذريل ڪجهہ مهينا اڳ جنهان سومرو ۾ اسان جي گهر ۾ داخل ٿي جوابدران غلام نبي شاهہ ، گل حسن شاهہ ، شبير شاهہ ۽ ٻين سڌيون گولين هٽي اسان جي مامي نياز شاهہ ۽ ماسي بي بي بچل شاهہ کي قتل ڪيو ۽ ڪمال شاهہ ، بي بي بختاور سميت 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي ويا هئا جنهن جو ڪيس پڻ داخل آهي جوابدار ۽ سنڌن مائٽ اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڻن ۽ ناهہ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن مختلف حربا استعمال ڪري اسان کي حراسان ڪري رهيا آهن جنهن جي اطلاع اسين بلڙي شاهہ ڪريم ٿاڻي تي ڪئي پر بلڙي شاهہ ڪريم پوليس بااثر ملزمان سان سهڪار ڪري اسان کي پريشان ڪري رهي آهي ايس ايڇ او بلڙي شاهہ ڪريم ملزمان کي گرفتار ڪرڻ بدران ٽال متول ڪان ڪم وٺي رهيو آهي بار بار توجهہ ڏيارڻ جي پوليس ڪا بہ ڪاروائي لاءِ تيار ناهي پوليس جي اهڙي رويي سبب اسين سخت پريشاني جا شڪار بڻيل آهيون اسين ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان سيد سليم شاهہ کان گهر ٿا ڪريون تہ اسان کي تحفظ فراهم ڪري با اثر ملزمان کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهري ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ ٻار ٻچن سميت احتجاج ڪندا سين

بقايا 17 سنڌيار

ٿيل معصوم نينگري شبيران ڪوسو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادو ۾ ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم سي آر سي جي سنڌ تي سول سوسائٽي جي اڳواڻن پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، نياز چانڊيو، محمد بخش ڪورائي، ساجد مستوئي، محمد وسيم ڪوڪر، دانش خشڪ، الطاف عباسي، آصف سومرو، الا بخش خشڪ، ڪامران ڪورائي، لياقت علي ملڪ، منظور چانڊيو، لطيف سولنگي، عبيد چانڊيو ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سي آر سي آفيس کان مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو. اڳواڻن چيو تہ معصوم نينگري سان زيادتي بعد بيدردي سان قتل ڪرڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا پوليس جي روايتي سستي سبب واقعو پيش آيو. ٻہ ڏينهن کان معصوم نينگري گم هئي پوليس ڳولا نہ ڪئي مظاهرين چيو تہ واقعي ۾ ملوث قاتلن کي فوري طور وائکو ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي. هنن چيو تہ علي رضا حاجاڻي جي بيدردي سان قتل واقعي کي مهينو بہ نہ گذريو آهي تہ هڪ وڌيڪ واقعو پيش آيو آهي مظاهرين چيف جسٽس پاڪستان، چيف جسٽس سنڌ، انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن لاءِ جوڙيل ڪميشن، آئي جي سنڌ سميت اعليٰ اختيارن کان مطالبو ڪيو تہ از خود نوٽيس وٺي معصوم ٻارڙي کي بيدردي سان قتل ڪندڙن کي سخت سزائون ڏياريون وڃن

بقايا 18 سنڌيار

پنجن ملازمن اکين جي ماهر ڊاڪٽر محمد اجمل راجپوت، محمد جمن شيخ، قربان علي لاڙڪ، شاهد پرويز ڊسپينسر ۽ محمد جمن ملاح جي رٽائرمينٽ تي سنڌن مانَ ۾ الوداعي پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ صوبائي صدر خادم حسين مستوئي، چيف آرگنائيزر حزب الله راڄپر، ميڊيا ڪوآرڊينيٽر اعجاز ممنائي، DMS ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو، دل جو ڊاڪٽر محمد صفر چنہ ضلعي صدر اشرف قريشي چيئرمين سلطان جوٽيجو، حاڪم علي ابڙو يونٽ صدر محمد سعود بوهيو مجيب رحمان وسطڙو اڪبر علي ميمڻ بشيراحمد ٻرڙو ۽ ٻين اڳواڻن رٽائر ٿيل ملازمن کي سنڌن خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ انهن ملازمن پنهنجي 60 سال زندگي غريب عوام جي خدمت ڪندي گذاري جنهن کي اڄ ياد ڪيو پيو وڃي اڄ اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ هو پنهنجي سروس پوري ڪري پنهنجي زندگيءَ ۾ رٽائرمينٽ تي رهيا آهن جيڪا سعادت ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿيندي آهي اڳواڻن چيو تہ اسان جون دعائون هميشہ سائن گڏ رهنديون ان موقعي تي مهمانن کي اجرڪ پهرائي گلن جي تحفا پڻ پيش ڪيا ويا آخر ۾ ڊاڪٽر محمداجمل ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ اسين ڪڏهن بہ توهان جون محبتون ڀلائي نہ سگهنداسين اڄ سروس پوري ڪري وڃي رهيا آهيون اڃان بہ جيڪڏهن اسپتال کي ضرورت پئي تہ اسان خدمتون سرانجام ڏينداسين چوڻ اسان غريب عوام جي خدمت ڪرڻ عبادت سمجهي ڪئي آهي ۽ سدائين ساڳئي جذبي سان ڪم ڪندا رهنداسين

بقايا 19 سنڌيار

ٽائون ۾ نيڪال سسٽم ناڪاره هجڻ ڪري گٽر نالا اٿلي پيا جنهنڪري گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي رهيو آهي گندگي سبب مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو آهي جنهنڪري رهواسي مختلف بيمارين ۾ ورڪجي رهيا آهن رهواسين خليل الرحمان ڪشميري ، مجيب الرحمان ڪشميري ، سرور ڪشميري ۽ ٻين چيو تہ گٽر نالن جو نيڪال نہ هجڻ ڪري گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي رهيو آهي ڪافي ڀيرا شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ فضل ٽائون مان گندو پاڻي نيڪال ڪرائي تڪليف مان نجات ڏياري وڃي

بقايا 20 سنڌيار

۽ استاف پاران پڻ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن مويا پوليس پاڳين کي ورغلائي مشهور پيري کي تنگ ڪرڻ لڳي آهي جڏهن تہ پيري نيڪ محمد رند چيو آهي تہ منهنجي زندگي خطري ۾ ٿي وئي آهي چور ۽ مويا پوليس منهنجي پويان پئجي ويا آهن چورن کي وائکو ڪرڻ تي مويا پوليس چورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ پاڳين کي ڪوڙا دلاسا ڏئي مون مسڪين جي پويان باهہ ٻاري ڇڏي آهي ۽ چوي ٿو پير ڪٽڻ واري مسئلي تان هٽ ڪٽي وڃ هن ٻڌايو تہ مون هميشا پوليس جي مدد ڪئي آهي ڪافي چورن کي وائکو ڪيو آهي هن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان فوري نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ٻي پاسي مشهور پيري نيڪ محمد رند کي موتمار ڌمڪيون ملڻ ۽ مويا پوليس پاران ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ وارين ڌمڪين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ هن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سان وفد جي صورت ۾ ملاقات ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو آهي جڏهن تہ موتمار ڌمڪيون ڏيندڙن ۽ مويا پوليس خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويندي

بقايا 21 سنڌيار

سبب شهري ۽ ڳوٺاڻا وڏي تعداد ۾ باهہ تي ڪنٽرول ڪيو ان موقعي يوسي 95 جو چيئرمين منور حسين بروهي ۽ ڪائونسلر امجد شورو کي باهہ لڳڻ جو اطلاع ملڻ تي سرزمين تي پهچي ويا ۽ فورن فائير برگيڊ، فائير گاڏي گهرائي باهہ تي ضابطو آندو ۽ پورهيت جي گهر کي سڙڻ کان بچايو ويو ان موقعي تي پورهيت ربڏنو ملاح ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ اچانڪ باهہ لڳڻ جي نتيجي ۾ گهر جي لوڙهي کي باهہ وڪوڙي وئي جا بلو علائقو هوندي پاڻي نہ هئڻ ڪري باهہ تي ڪنٽرول نہ پي ٿي سگهيو اگر چيئرمين منورحسين بروهي ۽ ڪائونسلر امجد شورو پاران فائير برگيڊ نہ گهرائي وڃي ها تہ تمام گهڻو مالي نقصان ٿئي ها ان موقعي تي ڳوٺاڻن شهرين پاران چيئرمين ۽ ڪائونسلر جي اهڙي بروقت عمل کي پڻ ساراهيو ويو

بقايا 22 سنڌيار

اليڪشن ڪميشن جي چيئرمين سليم ترين ۽ وائيس چيئرمين جميل ڪٽي جي سرپرستي ۾ مڪلي تي ٿي گذريون، جنهن ۾ پيڪيٽ ضلعي ٺٽي لاءِ چيئرمين مرتضيٰ شاهہ، وائيس چيئرمين نورالدين بروهي، ضلعي ٺٽي جو صدر وقار ميمڻ، نائب صدر حسنين ڪونياٽي، جنرل سيڪريٽري مظفر خاصخيلي، خزانچي آفتاب پٽو، اطلاعات سيڪريٽري علي داد بروهي ۽ اسپورٽس سيڪريٽري واري عهدي تي اورنگزيب زوبي بلوچ جي ڪاميابي جو اعلان ڪيو ويو، اليڪشن چيئرمين موجب پيڪيٽ جي چونڊن ۾ 141 ووٽ ڪاسٽ ٿيا، جنهن ۾ ٻين اميدوارن بہ مقابلو ڪري سنا ووٽ حاصل ڪيا. ان موقعي تي خطاب ڪندي پيڪيٽ جي اڳوڻي چيئرمين شوڪت قريشي ۽ نئين چونڊيل چيئرمين مرتضيٰ شاهہ چيو تہ پيڪيٽ فارما ملازمن جي تحفظ لاءِ هڪ مضبوط پليٽ فارم آهي، جنهن کي مضبوط ۽ موثر بڻايو ويندو ان موقعي تي صحافي محبوب بروهي، آزاد اصغر بروهي، نظام الدين بروهي، خميسو بروهي، احمد جاکرو ۽ ٻين پاران نون چونڊيل پيڪيٽ جي عهديدارن کي ڪاميابي جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

بقايا 23 سنڌيار

ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ يونٽ ڪڏڙو ۾ ٿي گذريو جنهن نشات جي 4 ضلعن جي ٽيمن شرڪت ڪئي جنهن ۾ ضلع، سانگهڙ ،بدين ،حيدرآباد ،ءِ نوابشاهہ ،شامل هئا هن ٽورنامينٽ ۾ پهريون ميچ ضلع بدين ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ مقابلو ٿي گذريو جنهن ۾ ضلع بدين ميچ کٽي فائنل ۾ پهتي جڏهن تہ ٻيو ميچ مقابلو ضلع سانگهڙ ۽ نوابشاهہ جي وچ ۾ ٿي گذريو جيڪو ضلع نوابشاهہ کٽي فائنل ۾ پهتي فائنل ۾ پهرين بيٽنگ ڪندي ضلع نوابشاهہ مقرر 10 اوور ۾ 189 اسڪور جو ٽارگيٽ ڏنو جڏهن تہ جواب ۾ بدين صرف 115 رنس ناهي سگهي ياد رهي تہ ونرءِ رنر ٽيم کي ضلع سانگهڙ طرفان ٽرافي ڏني وئي وئي

بقايا 24 سنڌيار

محمد بخش بلوچ طرفان جاري ڪيل بيان موجب روهڙي ٿاڻي جي پوليس حد نيوپارڊ واري علائقي ۾ ڏاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڏوهاري گلزار احمد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا جوابدار جا 3 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي ڏوهاري کي طبي امداد لاءِ اسپتال داخل ڪيو ويو آهي، گرفتار ڏوهاري جو ڪرمنل رڪارڊ طلب ڪيو آهي

بقايا 25 سنڌيار

نئين سي ڊي موٽر سائيڪل چوري، سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ اين سي داخل ٿيڻ باوجود پوليس ڪابہ ڪاروائي نہ ڪئي. تفصيل موجب ملير جي گلشن ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي خاص ڪري شاپنگ مالز لڳ موٽر سائيڪل چوري معمول بڻجي ويو آهي ان حوالي سان گذريل ڏينهن شاپنگ مال لڳ ملير هيومن رائيٽس تحريڪ جي صدر رميش ڪمار اوڊ جي نئين سي ڊي موٽرسائيڪل چور ڪاهي فرار ٿي ان سلسي ۾ رميش ڪمار ٻڌايو تہ موٽوسائڪل چوري بعد اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي چوري جا سي سي ٽي وي فوٽيج بہ موجود آهن پر اڄان تائين ڪابہ پوليس ڪارروائي عمل ۾ نہ آئي آهي

بقايا 26 سنڌيار

گهر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. برسات متاثرن ڳوٺاڻن واسن سهتو، يارو جاکرو ۽ ميهار ملاح جي اڳواڻي ۾ دڙي شهر جي پڇاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سروي ڪرڻ باوجود اجا تائين گهرن لاءِ رقم ملي نہ سگهي آهي، اجها ڍهي پوڻ ڪري سخت پريشانين ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون. هنن چيو تہ 2010 ۾ آيل ٻوڏ ۽ برسات سبب اسان جو تمام وڏو نقصان ٿيو آهي پر اڃان تائين نقصان جو ازالو ٿي نہ سگهيو آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ حڪومتي اعلان تي عمل ڪندي گهرن جي ٻيهر اڏاوت لاءِ رقم جاري ڪري گهر نهرائي ڏنا وڃن تہ جيئن ٻچن کي گرمي کان بچائي سگهون.

بقايا 27 سنڌيار

روهڙي تعلقي ۾ نياڻين کي پڙهائيندڙ فيميل ٽيچرز کي چپ رهڻ لاءِ طرح طرح جا حربا هلائي رهيا آهن جنهن ڪري اسان انتهائي خوف ۾ مبتلاءِ ٿيل آهيون حق حلال جي ڪمائي مان زبردستي سان رشوت ورتي وڃي ٿي اهڙي عمل خلاف ڪنهن ايماندار آفيس ڪان انڪوائري ڪرائي نياڻين جي اسڪولن ۾ مقرر هيڊ مسٽريسز کان قرآن پاڪ تي بيان ورتو وڃي تہ حقيقت سامهون اچي ويندي لکيل خط ۾ هنن وزير اعلا سنڌ سيد مراد علي شاهہ وزير تعليم سنڌ صوبائي وزير اينٽي ڪرپشن سيد ناصر حسين شاهہ چيف سيڪريٽري سنڌ کي اپيل ڪئي آهي تہ نوٽيس وٺي ڪرپٽ اي ٽي او مان ۽ ان جي حمايتي ڪرپٽ ٽولي مان جند ڇڏائي وڃي

بقايا 28 سنڌيار

هجڻ جو انڪشاف ڪراچي ۽ حيدرآباد جي هول سيلرن عام واهپي جون شيوذخيرو ڪري اگهہ چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن مهانگيون شيون خريد ڪري اسان سستي اگهن ۾ وڪرو نٿا ڪري سگهون ان لاءِ يوٽلٽي اسٽورن کي پابند ڪيو وڃي تہ هو سامان غائب ڪرڻ بجاءِ مقرر سستي اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ڏين تہ اسان وٽ ڪوب خريدار نہ ايندو ذريعن موجب واپارين جو موقف آهي تہ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي لاڳاپيل انتظاميا پاران رمضان شريف جي با برڪت مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عام واهپي جون شيون سستي اگهن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ضلعي جي واپارين سان ڪابہ اثرائتي گڏجاڻي نہ ڪئي وئي آهي واپارين موجب تہ هنن اها ڳالهہ واضع ٿي آهي تہ رمضان شريف ۾ مهانگائي جو سبب ڪراچي حيدر آباد جا هول سيلر واپاري آهن جن عام واهپي جون شيون مارڪيٽ مان غائب ڪري ذخيرو ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن شين جا اگهہ بہ وڌايي ڇڏيا آهن واپارين جو موقف هو تہ جڏهن اسان کي مهانگيون شيون ملنديون تہ اسين سستيون ڪيئن وڪرو ڪنداسين واپارين وڌيڪ ٻڌايو تہ اسان کي هول سيل ۾ ڪنڊ 140 روپيا ڪلو ملندي تہ اسان گهٽ ريٽ ۾ نہ وڪڻنداسين پر يوٽلٽي اسٽورتي اها ڪنڊ ماڻهن کي 119 روپين ۾ وڪرو ڪرڻي آهي پر يوٽلٽي اسٽورن تان ڪنڊ سميت چانور گيهہ پتي بيسڻ سميت عام واهپي جون شيون ڪميشن عيوض واپارين کي وڪرو ڪيون پيون وڃن اگر انهن تي ڪنٽرول ٿئي تہ يوٽلٽي اسٽورن تي مقرر سرڪاري اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ملي تہ اسان وٽ ڪو بہ خريدار نہ ايندو فروٽ جي هول سيلر واپارين ڪيلو ۽ بيو فروٽ ڪولڊ اسٽوريج ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري فروٽ هينئر ئي مهانگو ٿي ويو آهي سبزي جي واپارين ٻڌايو تہ ڪراچي ۾ بصر زخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ ڪوٽ پيدا ڪري مهانگو ڪري ڇڏيو اٿن جنهن ڪري هڪ هفتي ۾ بصر 280 روپيا ڪلو ٿي ويو آهي واپارين طرفان هول سيلر واپارين جي من مانين تي ۽ يوٽلٽي اسٽور ڪارپوريشن تي ڪنٽرول ڪرڻ تي زور ڏين تہ جيئن عوام کي رليف ملي سگهي

بقايا 29 سنڌيار

تجزيو" جي موضوع تي هڪ ڏينهن واري تحقيقي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جي صدارت ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ، اسسٽنٽ پروفيسر، شعبہ اقتصاديات، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد ڪئي. جيڪو تازو ئي ملائيشيا يونيورسٽي مان پنهنجي پوسٽ ڊاڪٽوريٽ ريسرچ سوشل پروگرام تحت مڪمل ڪئي آهي. سيمينار ۾ ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ چيو تہ ملائيشيا عالمي سماجي تحفظ جي پروگرامن تي ڌيان ڏئي رهيو آهي جيڪي سيني مزدورن کي ٽارگيٽ ڪن ٿا ٽيڪنالاجي جي استعمال جي اثرائتي استعمال سان جيڪي ڪارڪردگي ۽ ڪوريج کي وڌائين ٿا. ان جي ابتڙ، اهو ماڻهن لاءِ درستگي ۽ آفاقي پاليسي کي برقرار رکڻ لاءِ اعليٰ انتظامي خرچن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان کان علاوه، مالي رڪاوٽ جي ڪري، پروگرامن جي استحڪام بابت خدشات آهي. پاڪستان جي نقطہ نظر کان، سماجي تحفظ جي پروگرامن جي گهٽ ڪوريج حاصل آهي، جتي ڪيترا ئي ڪمزور ماڻهو ناهيل معيار جي ڪري خارج ڪيا ويا آهن. هن چيو تہ پاڪستان کي ڊجيٽل پليٽ فارمن تي هدف جي درستگي کي وڌائڻ ۽ سيني ڪارڪنن لاءِ حفاظتي نيٽ پيش ڪرڻ لاءِ وڌيڪ آفاقي پروگرامن تي غور ۽ عمل ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر رضا جو چوڻ هو تہ پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ هڪ اهم فرق آهي. جنهن سان مشروط سماجي ۽ سياسي حالتون ۽ سماجي تحفظ جو ميڪنزم آهي. پاڪستان ۾ سماجي تحفظ واري نظام مان بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ سماجي، اقتصادي ۽ سياسي اشارن کي مستحڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي پيش ڪيل تحقيق جي معيار تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ کي اهڙي معلوماتي ۽ دلچسپ سيمينار منعقد ڪرڻ تي ساراهيو هن علمي ڪميونٽي جي مستقبل کي ترتيب ڏيڻ ۾ تحقيق جي اهميت تي زور ڏنو ۽ شرڪت ڪندڙن کي علم جي حصول کي جاري رکڻ جي حوصلا افزائي ڪئي. فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر سلمان بشير محنت ۽ لگن کي ساراهيو ۽ ريسرچ ڪلچر ۽ جدت کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهڙن واقعن جي اهميت کي اجاگر ڪيو. اقتصاديات جي شعبي جي سربراهہ ڊاڪٽر زاهد حسين چنا پريزينٽر جي ان سوچ کي متاثر ڪندڙ پريزنٽيشن جي واکاڻ ڪئي ۽ عالمي لاڳاپن جي شعبن ۾ وڌيڪ تحقيق جي حوصلا افزائي ڪئي. جڏهن تہ سيمينار ۾ ڪيترن ئي فيڪلٽي ميمبرن ۽ ريسرچ اسڪالرن شرڪت ڪئي

بقايا 30 سنڌيار

عدم تحفظ جو شڪار آهن. ٺٽي جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ چورين، ڦرن جو آزار وڌي ويو آهي. جڏهن تہ ٺٽي جي واپاري شعبان سمون کان ڏينهن ڏٺي هٿيار بند 21 لک رپيا ڦر ڪري ويا، جنهن بعد واپاري خرم ميمڻ جي گهر مان 22 لک رپيا روڪ رقم ۽ سونا زيور ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا، جنهن جو پوليس اڄان تائين ڪو بہ ڪرڙتيل ڪڍي نہ سگهي آهي. جڏهن تہ گذريل رات دير سان ٺٽي شهر جي اڳ محلي مان رهواسي اسلم پرويز ميمڻ کان موٽر سائيڪلن تي سوار ٻن هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي هزارين روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ساڳئي رات گجي مان واپاري ديوان راسو مل کي موٽر سائيڪل سوار هٿيار بندن دڪان ۾ هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي هزارين رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، جنهن بعد گجي پرسان لنڪ روڊ تان ميرخان هالائي کان هٿيار بند هڪ موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. اهڙي ريت ٺٽو مڪلي، چتوچند، فقير جو ڳوٺ، سونڊا، گهارو، غلام الله، ور، جنگشاهي سميت ٻين علائقن مان 30 کان مٿي ڏوهي وارداتون ٿيون آهن پر پوليس هيستائين ڪو بہ تحرڪ نہ وٺي سگهي آهي ۽ نہ وري ڏوهارين خلاف ڪو ڪريڪ ڊائون شروع ٿي سگهيو آهي. ٺٽي جا شهري پنهنجي گهرن ۾ بہ غير محفوظ بڻيل آهن. ضلعي ۾ وڌندڙ ڏوهن بعد خوف واري صورتحال ڇانيل آهي، علائقي واسين پوليس جي ڪارڪردگي تي عدم. اعتماد ڪندي آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪندي ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪرڻ سان گڏ ڏوهي وارداتون واپس ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 31 سنڌيار

يو آئي اڳواڻ پاران پئسا نہ ڏيڻ تي جهيڙو ۽ وڊيو پرڻ تي صحافين کي بہ ڌمڪيون تفصيل موجب سول اسپتال سکر ۽ ٻين اسپتالن ۾ دوا وٺڻ لاءِ ايندڙ شهرين کان روڊ تي موٽرسائيڪل بيهارڻ لاءِ ٽيہ روپيا پرچي جا ورتا وڃن ٿا جنهن سبب سکر جا شهري سخت پريشان آهن باخبر ذريعن موجب تہ ماضي جي ڏوهارين کي اهڙا ٺيڪا ڏنا ويا آهن جيڪي غنڊا ٽيڪس نہ ڏيندڙ شهرين جون گاڏيون چوري ڪرڻ سميت غريب ماڻهن کي موتمار ڌمڪيون بہ ڏيندا رهندا آهن جڏهن تہ سکر جي بلڊ بينڪ اسپتال ٻاهران روڊ تي موٽرسائيڪل بيهاري پنهنجي بائيڪ تي ويٺل جي يو آئي روهڙي جي اڳواڻ عبدالواجد ٻرڙو سان ٽيہ روپيا پرچي جا نہ ڏيڻ تي اوڳاڙي ڪندڙن جو جهيڙو ٿي پيو تہ اوچتو صحافين جي پهچڻ ۽ وڊيو ريڪارڊنگ ڪرڻ تي غنڊا ٽيڪس اوڳاڙي ڪندڙ پاران صحافين کي بہ ڪوريج ڪرڻ کان روڪيو ويو انهن دوران جي يو آئي اڳواڻ عبدالواجد ٻرڙو ميڊيا ورڪرن کي ٻڌايو تہ مان ٻارن کي دوا وٺڻ لاءِ بلڊ بينڪ اسپتال ڪٽي آيو آهيان پر ٻارن کي اسپتال موڪلي اسپتال ٻاهران روڊ تي بيٺل پنهنجي موٽرسائيڪل مٿان ويهي بائيڪ جي چوڪيداري ڪري رهيو آهيان چوجو تہ غنڊا ٽيڪس نہ ڏيڻ سبب پهريان بہ اسان جي موٽرسائيڪل سول اسپتال سکر ٻاهران پرچي ڪٽيندڙن چوراڻي هئي جيڪا بعد ۾ اسان ڪين کي سڏيءَ ريٽ چور ڪيو هو جنهن بعد پوليس وچ ۾ اچي چوري ٿيل بائيڪ واپس ڪرائي هئي مان سمجهان ٿو تہ ساڳيائي چور ۽ ساڳيائي چوڪيدار آهن ان ڪري مان پرچي نہ ڪٽرائيندس پنهنجي موٽرسائيڪل جي پاڻ حفاظت ڪري رهيو آهيان پر پرچي وارو زبردستي سان ڏاڍ ڪري ٿو تہ توهان ڀلي پنهنجي موٽر سائيڪل جي چوڪيداري ڪيو پر روڊ تي بيهڻ جي ٽيڪس 30 روپيا اوهان کي ڏيڻا پوندا ۽ مان غيرقانوني طور غندا ٽيڪس نٿو ڏيان جنهن ڪري بدماشي ڪري رهيا آهن پر ميڊيا ورڪرن کي ڏسي ڪسڪي ويا آهن هن الزام هڻندي وڌيڪ چيو تہ پئسا اوڳاڙي ڪندڙن سان پوليس بہ ڀت ٻڌيل آهي جنهن ڪري اهي عوام سان ڏاڍايون ڪري رهيا آهن

بقايا 32 سنڌيار

لاش هٿ آيو آهي. هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل ڳوٺ منو کهڙو واسي نسيم کهڙو طور ٿي آهي. واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٽائي نئون ديرو اسپتال پهچايو. جتي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف 3 ڏينهن اڳ ميرواهہ ڪوڪر ڳوٺ ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي قتل ٿيل ٻن عورتن ڪرن ڪوڪر ۽ نسيم ڪوڪر جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار ڪاشف ڪڪر پاران نسيم کهڙي سميت ٻن عورتن کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ جا انڪشاف پڻ ڪيا ويا هئا. جڏهن تہ نسيم کهڙي جي پڦات عبدالرشيد کهڙو اسپتال ۾ صحافين کي ٻڌايو تہ 6 ڏينهن اڳ شير ڪوڪر جي پاڻئي علي رضا ڪوڪر فون ڪال ڪري نسيم کهڙو کي پاڻ ڏانهن گهرايو هو جنهن بعد جڏهن نسيم انهن ڏانهن ويو تہ واپس موٽي نہ آيو جنهن جي گهر واپس نہ موٽڻ تي اسان پوليس وٽ اغوا بابت اطلاع ڏنو ۽ نسيم کهڙي جو فون بہ مسلسل بند ملي رهيو هو جنهن بعد نسيم کهڙي جي نمبر جي سي ڊي آر ڪيرائي تہ ان ۾ گهٽي کان گهٽيون فون ڪالون علي رضا ڪوڪر جون آيل هيون. پوليس وٽ اسان بار بار وياسين پر پوليس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ ڳولا ۾ اسان جي ڪا بہ مدد نہ ڪئي. شير ڪوڪر وارن سان اسانجي ڪا بہ دشمني ناهي ۽ هنن جو پنهنجي مائٽن سان پراڻي تڪرار تان جهيڙو هلندڙ هيو. 3 ڏينهن اڳ ڪاشف ڪوڪر جو بيان ٻڌو جنهن ۾ هن اسان جي نوجوان نسيم کهڙي جي قتل جو انڪشاف ڪيو هو پر ان باوجود پوليس ان تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ۽ اڄ دادو ڪئنال مان صبح لاش هٿ اچڻ جون خبرون هليون جنهن بعد اسان کي سڃاڻپ لاءِ گهرايو ويو جتي اسان ڏٺوسين تہ لاش اسان جي نوجوان نسيم کهڙي جو هيو اسان جي نوجوان کي بيگناهہ گولين هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي جنهن واقعي جي شفاف نموني جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن ٻن عورتن جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار ڪاشف ڪوڪر پاران هڪ ٻيو وڊيو بيان جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ آئون 3 ڏينهن پهريان اهوڄئي چڪو آهيان تہ نسيم کهڙي ۽ ٻن عورتن ڪرن ۽ نسيم ڪوڪر کي علي شير ڪوڪر ۽ علي رضا ڪوڪر پاران ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان جي متان ڪوڙا الزام لڳائي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن. اڄ نسيم کهڙي جو لاش هٿ اچڻ بعد ان ڳجهہ تان پردو ڪجي ويو آهي ۽ حقيقتون سامهون اچي ويون آهن. پوليس جون اعليٰ اختياريون مامري جي شفاف نموني گهڻ رخي جاچ ڪري اسان متان داخل ڪيل عورتن جي قتل وارو ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي. هن اهو بہ ٻڌايو تہ قتل ڪيس ۾ منهنجي ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندڙ ڀاءِ عرفات ڪوڪر کي بہ قاتل طور نامزد ڪيو ويو آهي جيڪو نئون ديرو شهر جي بختاور ماڊل هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو آهي. ٻئي طرف واقعي جون خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ بعد ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي حڪم ڪيو آهي تہ نسيم کهڙو جي قتل واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري جامع رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث ڄاڻايل جوابدارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪري ڪين فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي. ٻئي طرف نئون ديرو اسپتال جي ڊاڪٽر غضنفر ڪوڪر پاران ابتدائي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ نسيم کهڙي کي گوليون لڳل آهن جنهن مان لڳي ٿو تہ هن جو قتل ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ڊي ايس پي نئون ديرو نثار بروهي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ نسيم کهڙو جو لاش هٿ اچڻ بعد سنڌس قتل واقعي جي گهڻ رخي جاچ ڪري رهيا آهيون. سنڌس موبائل فون جو رڪارڊ جاچ ڪيو پيو وڃي ۽ ٻين پاسن کان بہ جاچ شروع ڪئي وئي آهي جيڪي بہ ملوث هوندا انهن کي بخش نہ ڪيو ويندو ۽ قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا 33 سنڌيار

جوابدار عادي ڏوهاري آهي جنهن کي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪري گرفتار ورتو سنڌس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو: پوليس تفصيل موجب ابراهيم حيدري پوليس ڳجهي اطلاع تي اسٽريٽ نمبر 5 عمر ڪالوني ۾ ڪارروائي ڪري هڪ مبينا جوابدار کي چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي پوليس موجب جوابدار بابو خاصخيلي کي 1200 چرس سميت گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سنڌس ساٿي شاڪر ولد محمد اسلم فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 34 سنڌيار

باقر نظاماڻي سميت ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ رمضان المبارڪ جي آمد تي روزمرهہ جي کاڌ خوراڪ وارين شين جا اگهہ واپارين پنهنجي مرضي سان 20 کان 25 فيصد وڌائي ڇڏيا آهن جنهن ۾ گوشت ، ڀاڄين ، ميوات ، چانور ، اٽي ، کنڊ ، چانهہ ، کير ، بيضا توڙي ٻين عام استعمال طور قطب ايندڙ شين جا اگهہ وڌڻ جي ڪري هيٺين وچولي طبقي سان گڏ غريب مسڪين پورهيت مزدور هاري لاءِ سخت مشڪلاتون ٿي ويون آهن ، جنهن جي باوجود ضلعي انتظاميہ طرفان مهانگائي تي ضابطي آڻڻ لاءِ ضلعي ۽ تعلقي سطح تي ڪيل عملدارن جي اجلاس جو ڪو بہ نتيجو حاصل ٿي نہ سگهيو آهي ، واپاري پنهنجي مرضي سان اگهہ مقرر ڪري مهانگائي جو سبب بڻجي رهيا آهن ، علائقي جي رهواسين جو چوڻ آهي تہ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ اعليٰ اختيارين کي ان جو نوٽيس وٺڻ گهرجي ، صرف وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن طرفان مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اعلان ڪرڻ بجاءِ فوري طور قانون موجب ڪاروائي لاءِ قدم کڻڻ گهرجن تہ جيئن غريب مسڪين عوام مهانگائي جي طوفان ۾ رمضان المبارڪ جي آمد تي وڌيڪ پريشانين کان پاڻ بچائي سگهي.

بقايا 35 سنڌيار

مهاڻن مان پهرين 4 پوئي 6 مجمرعي طور 10 مهاڻن جا لاش هٿ اچي ويا 4 لاش جي تدفين وڌيڪ 6 لاش سول اختيارين ۽ ڪورنگي ايڌي سرد خاني حوالي وارثن لاشن جي سڃاڻپ ڪري ورتي ابتدائي طور تي فوت ٿي ويل مهاڻن جي وارثن کي 50_50 هزار رپيا ڏنا آهن امداد جو سلسلو جاري رهندو: ايف سي ايس آفيسر احمد يوسف پٽي پاڪ بحريا ۽ پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي طرفان ڪيل ريسڪيو آپريشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي : ترجمان پاڪ بحريا تفصيل موجب ملير ڪيٽي بندر پرسان حجامڙو ڪريڪ لڳ 5 ڏينهن اڳ حادثي جو شڪار ٿيل ٻيڙي جا ٻڏي فوت ٿيل 14 مهاڻن مان پهريائين 4 لاش هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيا ويا جن جي ابراهيم حيدري ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهہ مٽي ماءُ حوالي ڪيا جن ۾ ابراهيم حيدري پاڙي جي 34 ورهين جو هاشم ولد ميان وسايو 21 ورهين جو شڪيل بنگالي ولد ثناء الله ڪورنگي اڍائي نمبر جو رهائشي عالم ولد ڪلام بنگالي ۽ سجاول گهارو جي رهائشي 50 ورهين جي حسين بورو ولد محمد قاسم جا لاش شامل آهن ان سلسلي ۾ ايف سي ايس آفيسر احمد يوسف پٽي چيو آهي تہ فوت ٿي ويل مهاڻن جي وارثن کي 50_50 هزار رپيا ڏنا آهن امداد جو سلسلو جاري رهندو لاشن جي تدفين کان پوئي پاڪ بحريا جي ترجمان جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ پاڪ بحريا ۽ پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي طرفان ڪيل ريسڪيو آپريشن ۾ ڪاميابي حاصل ٿي جنهن ۾ وڌيڪ 6 لاس کيا ويا آهن مجموعي 10 لاش ملي ويا آهن جن کي سول انتظاميہ حوالي ڪيو ويو آهي باقي چئن مهاڻن جي ڳولا جاري آهي

بقايا 36 سنڌيار

مڙس جي چونڊ لاءِ ڳوٺ محمد سانوڻ شورو ۾ برادري جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي گڏجاڻي ۾ مختلف علائقن مان آيل شورا برادري سميت علائقن جي چڱن مڙسن شرڪت ڪئي جنهن ۾ لڪاڏنو شورو ڊولو شورو عبدالرشيد شورو محمد ابراهيم شورو وڏيرو پورو خان شورو مومن شورو حبيب شورو ننگر پارڪر ضلعي ڪائونسل ميمبر يوسي باڪرجي ضلعي ڪائونسل ميمبر رييس معشوق خان لغاري امير بخش پتافي ماستر محمد سومار جوٽيجو ماستر خدابخش ڪوسو چودري عبدالرشيد ڪمبو ياسين ڪمبو ۽ ٻين معززماڻهن شرڪت ڪيي گڏجاڻي ۾ برادري پاران مرحوم سانوڻ خان شورو جي فرزند اميرعلي شورو کي برادري جي پڳ ٻڌائي وئي ان موقعي تي برادري جي چڱي مڙس گڏجاڻي کي خطاب ڪندي چيو تہ مون کي برادري اهم ذميواري سونپي آهي ان کي پنهنجو فرض سمجهي دل جان سان نڀائيندس هر ڏک سک ۾ برادري سان گڏ هوندس.

بقايا 37 سنڌيار

اشرف ميمڻ، آفتاب احمد پنهور، ظفرحميد ميمڻ، محمدقاسم ملاح، سيدشهزاد حسين شاهہ بخاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ٽائون چيئرمين آفتاب شاهہ شيرازي ۽ ٻين چيو تہ رمضان المبارڪ جو مهينو پوري امت مسلمہ لاءِ عبادت جو مهينو آهي هن مهيني جو اسلام ۾ وڏو رتبو آهي، هن مهيني جو احترام ڪرڻ هر مسلمان جو فرض آهي. جنهن لاءِ ضلع انتظاميہ کي کپي تہ شهر ۾ هوٽلن تي سري عام هلندڙ کاڌڻ پيئڻ جي شين ۽ ان کي وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني قدم کنيو وڃي، ٽائون چيئرمين آفتاب شاهہ شيرازي ٽائون عملي کي احڪامات جاري ڪندي چيو تہ شهر جي صفائي جي نظام کي بهتر ڪيو وڃي خاص ڪري مسجدن جي روڊ رستن کي صاف ستري ڪيو وڃي ۽ انتظاميہ کي مطالبو ڪندي چيو تہ سحري، افطاري ۽ تراويح نماز جي وقت لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي.

بقايا 38 سنڌيار

تجزيو" جي موضوع تي هڪ ڏينهن واري تحقيقي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جي صدارت ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ، اسسٽنٽ پروفيسر، شعبہ اقتصاديات، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد ڪئي. جيڪو تازو ئي ملائيشيا يونيورسٽي مان پنهنجي پوسٽ ڊاڪٽوريٽ ريسرچ سوشل پروگرام تحت مڪمل ڪئي آهي. سيمينار ۾ ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ چيو تہ ملائيشيا عالمي سماجي تحفظ جي پروگرامن تي ڌيان ڏئي رهيو آهي جيڪي سيني مزدورن کي ٽارگيٽ ڪن ٿا ٽيڪنالاجي جي استعمال جي اثرائتي استعمال سان جيڪي ڪارڪردگي ۽ ڪوريج کي وڌائين ٿا. ان جي ابتڙ، اهو ماڻهن لاءِ درستگي ۽ آفاقي پاليسي کي برقرار رکڻ لاءِ اعليٰ انتظامي خرچن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان کان علاوه، مالي رڪاوٽ جي ڪري، پروگرامن جي استحڪام بابت خدشات آهي. پاڪستان جي نقطہ نظر کان، سماجي تحفظ جي پروگرامن جي گهٽ ڪوريج حاصل آهي، جتي ڪيترا ئي ڪمزور ماڻهو ناهيل معيار جي ڪري خارج ڪيا ويا آهن. هن چيو تہ پاڪستان کي ڊجيٽل پليٽ فارمن تي هدف جي درستگي کي وڌائڻ ۽ سيني ڪارڪنن لاءِ حفاظتي نيٽ پيش ڪرڻ لاءِ وڌيڪ آفاقي پروگرامن تي غور ۽ عمل ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر رضا جو چوڻ هو تہ پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ هڪ اهم فرق آهي. جنهن سان مشروط سماجي ۽ سياسي حالتون ۽ سماجي تحفظ جو ميڪنزم آهي. پاڪستان ۾ سماجي تحفظ واري نظام مان بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ سماجي، اقتصادي ۽ سياسي اشارن کي مستحڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي پيش ڪيل تحقيق جي معيار تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ڊاڪٽر احمد رضا المصطفيٰ کي اهڙي معلوماتي ۽ دلچسپ سيمينار منعقد ڪرڻ تي ساراهيو هن علمي ڪميونٽي جي مستقبل کي ترتيب ڏيڻ ۾ تحقيق جي اهميت تي زور ڏنو ۽ شرڪت ڪندڙن کي علم جي حصول کي جاري رکڻ جي حوصلا افزائي ڪئي. فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر سلمان بشير محنت ۽ لگن کي ساراهيو ۽ ريسرچ ڪلچر ۽ جدت کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهڙن واقعن جي اهميت کي اجاگر ڪيو. اقتصاديات جي شعبي جي سربراهہ ڊاڪٽر زاهد حسين چنا پريزينٽر جي ان سوچ کي متاثر ڪندڙ پريزنٽيشن جي واکاڻ ڪئي ۽ عالمي لاڳاپن جي شعبن ۾ وڌيڪ تحقيق جي حوصلا افزائي ڪئي. جڏهن تہ سيمينار ۾ ڪيترن ئي فيڪلٽي ميمبرن ۽ ريسرچ اسڪالرن شرڪت ڪئي

بقايا 39 سنڌيار

لاش هٿ آيو آهي. هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل ڳوٺ منو کهڙو واسي نسيم کهڙو طور ٿي آهي. واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٽائي نئون ديرو اسپتال پهچايو. جتي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف 3 ڏينهن اڳ ميرواهہ ڪوڪر ڳوٺ ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي قتل ٿيل ٻن عورتن ڪرن ڪوڪر ۽ نسيم ڪوڪر جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار ڪاشف ڪڪر پاران نسيم کهڙي سميت ٻن عورتن کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ جا انڪشاف پڻ ڪيا ويا هئا. جڏهن تہ نسيم کهڙي جي پڦات عبدالرشيد کهڙو اسپتال ۾ صحافين کي ٻڌايو تہ 6 ڏينهن اڳ شير ڪوڪر جي پاڻئي علي رضا ڪوڪر فون ڪال ڪري نسيم کهڙو کي پاڻ ڏانهن گهرايو هو جنهن بعد جڏهن نسيم انهن ڏانهن ويو تہ واپس موٽي نہ آيو جنهن جي گهر واپس نہ موٽڻ تي اسان پوليس وٽ اغوا بابت اطلاع ڏنو ۽ نسيم کهڙي جو فون بہ مسلسل بند ملي رهيو هو جنهن بعد نسيم کهڙي جي نمبر جي سي ڊي آر ڪيرائي تہ ان ۾ گهٽي کان گهٽيون فون ڪالون علي رضا ڪوڪر جون آيل هيون. پوليس وٽ اسان بار بار وياسين پر پوليس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ ڳولا ۾ اسان جي ڪا بہ مدد نہ ڪئي. شير ڪوڪر وارن سان اسانجي ڪا بہ دشمني ناهي ۽ هنن جو پنهنجي مائٽن سان پراڻي تڪرار تان جهيڙو هلندڙ هيو. 3 ڏينهن اڳ ڪاشف ڪوڪر جو بيان ٻڌو جنهن ۾ هن اسان جي نوجوان نسيم کهڙي جي قتل جو انڪشاف ڪيو هو پر ان باوجود پوليس ان تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ۽ اڄ دادو ڪئنال مان صبح لاش هٿ اچڻ جون خبرون هليون جنهن بعد اسان کي سڃاڻپ لاءِ گهرايو ويو جتي اسان ڏٺوسين تہ لاش اسان جي نوجوان نسيم کهڙي جو هيو اسان جي نوجوان کي بيگناهہ گولين هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي جنهن واقعي جي شفاف نموني جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن ٻن عورتن جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار ڪاشف ڪوڪر پاران هڪ ٻيو وڊيو بيان جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ آئون 3 ڏينهن پهريان اهوڄئي چڪو آهيان تہ نسيم کهڙي ۽ ٻن عورتن ڪرن ۽ نسيم ڪوڪر کي علي شير ڪوڪر ۽ علي رضا ڪوڪر پاران ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان جي متان ڪوڙا الزام لڳائي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن. اڄ نسيم کهڙي جو لاش هٿ اچڻ بعد ان ڳجهہ تان پردو ڪجي ويو آهي ۽ حقيقتون سامهون اچي ويون آهن. پوليس جون اعليٰ اختياريون مامري جي شفاف نموني گهڻ رخي جاچ ڪري اسان متان داخل ڪيل عورتن جي قتل وارو ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي. هن اهو بہ ٻڌايو تہ قتل ڪيس ۾ منهنجي ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندڙ ڀاءِ عرفات ڪوڪر کي بہ قاتل طور نامزد ڪيو ويو آهي جيڪو نئون ديرو شهر جي بختاور ماڊل هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو آهي. ٻئي طرف واقعي جون خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ بعد ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي حڪم ڪيو آهي تہ نسيم کهڙو جي قتل واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري جامع رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث ڄاڻايل جوابدارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪري ڪين فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي. ٻئي طرف نئون ديرو اسپتال جي ڊاڪٽر غضنفر ڪوڪر پاران ابتدائي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ نسيم کهڙي کي گوليون لڳل آهن جنهن مان لڳي ٿو تہ هن جو قتل ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ڊي ايس پي نئون ديرو نثار بروهي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ نسيم کهڙو جو لاش هٿ اچڻ بعد سنڌس قتل واقعي جي گهڻ رخي جاچ ڪري رهيا آهيون. سنڌس موبائل فون جو رڪارڊ جاچ ڪيو پيو وڃي ۽ ٻين پاسن کان بہ جاچ شروع ڪئي وئي آهي جيڪي بہ ملوث هوندا انهن کي بخش نہ ڪيو ويندو ۽ قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا 40 سنڌيار

واهپي جي شين جا اگهہ مقرر ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن مطابق دال ماش في ڪلو 470 روپيا ، دال منگ ڌوتل هڪ نمبر 320 روپيا في ڪلو، دال مگ (بي) ڌوتل 270 روپيا في ڪلو، دال مگ ثابت 270 روپيا في ڪلو، دال مگ ڇلڪا 380 روپيا ڪلو، دال مسور (اي) في ڪلو 320 روپيا، دال مسور (بي) 300 روپيا في ڪلو، دال مسور ثابت 300 روپيا في ڪلو، دال ڇڻا (اي) 250 روپيا في ڪلو، دال ڇڻا (بي دال چولا) 240 روپيا في ڪلو، اڇا ڇڻا 9 ايم ايم 400 روپيا في ڪلو، اڇا ڇڻا 7 ايم ايم 370 روپيا، ڇڻا ڪارا وڏا 300، نندا 280 رپيا في ڪلو، ڇڻا اڇا سنڌ 7 ايم ايم ۽ 8 ايم ايم 280 روپيا في ڪلو، بيسڻ اي ڪوالٽي 290 روپياءِ بيسڻ بي ڪوالٽي 260 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل چانور (اي) نوان 310 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل چانور (اي) پراڻا 320 روپيا في ڪلو، ڪرنل اسپيشل (پراڻا 1121) 380 روپيا في ڪلو، ڪرنل چانور اسپيشل (نوان 1121) 360 روپيا ڪلو، چانور 386، 220 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل ٽوٽا نوان 350 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل ٽوٽا (پراڻا) 390 روپيا في ڪلو، ڪائنات سيلا (اي) چانور 350 روپيا في ڪلو، ٽوٽا اي ڪائنات 280، سپر ڪرنل باسمتي (اي) 310 روپيا، سپر ڪرنل باسمتي (بي) 280 روپيا، اڌڙ باسمتي (اي) 300 روپيا، چانور ايري 6، 150 روپيا ڪلو، ايري نمبر 9، 160 روپيا ڪلو، پونيا 1121 پراڻا 330 روپيا في ڪلو، ڳاڙها مرچ لونگي (انگريندر) 750 روپيا في ڪلو، ڳاڙها مرچ پراڻا (پائوڊر) 800 روپيا في ڪلو، ڌاڻا (پينل) 680 روپيا في ڪلو، ڌاڻا (انگريندر) 650 روپيا في ڪلو، زيرا (اڇو) ايراني نمبر هڪ 2600 روپيا، زيرا (ڪارا) خر 2100 روپيا في ڪلو، دال چيني 1050 روپيا في ڪلو، وڏي الائيچي (ڪاري انڊين) 6300 روپيا في ڪلو، ننڍي الائيچي (سائي) هڪ نمبر 6050 روپيا في ڪلو، لونگ نمبر هڪ 3850 روپيا في ڪلو، لونگ (چائنا) 1700 روپيا، ڪارا مرچ ثابت 1850 روپيا في ڪلو، ڪارا مرچ (پائوڊر) 2000 روپيا في ڪلو، هلدي (پائوڊر) 540 روپيا في ڪلو، چاٽ مصحالو 500 روپيا في ڪلو، ڪليل لوز آئل (ڪينولا) هڪ نمبر 410 روپيا في ڪلو، تيل سرنهن 360 روپيا في ڪلو، وڏو گوشت مينهن جو 500 روپيا في ڪلو، وڏو ڳائو گوشت 750 روپيا في ڪلو، متن گوشت 1600 روپيا ڪلو، کير 195 روپيا في ڪلو، ڏهي 270 روپيا في ڪلو، مڇي 3 ڪلوکان وڏو ڪرڙو 650 روپيا، مڇي 2 ڪلو کان گهٽ واري 550 روپيا، مڇي تيلي 370 روپيا في ڪلو اگهہ مقرر ڪيو ويو آهي جي قيمتون فوري نافذ عمل هونديون نوٽيفڪيشن موجب ڪنڊ، فائن اٽو، چڪي جو اٽو ميدو، سوجي مارڪيٽ جي ريٽ موجب وڪرو ڪيون وينديون جڏهن تہ پاڪيٽن ۾ بند شين جهڙوڪ پتي، خشڪ کير، ڪاجرو تيل ۽ گيہ ، فلٽر پاڻي جون بوتلون، جوس، دوائون، ڪيميڪل ٻج ۽ سيمنٽ ڏبن/ٿيلهن تي لکيل اگهن موجب وڪرو ڪيو وينديون. زنده مرغي توڙي گوشت سميت مختلف ميوا، ڀاڄيون، ۽ ٻيڻا مارڪيٽ ڪميٽي جي روزانو بنيادن تي مقرر ڪيل اگهن موجب وڪرو ڪيا ويندا. ڊپٽي ڪمشنر واپارين کي مشورو ڏنو آهي تہ هو رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني جي تقدس کي برقرار رکندي روز مره جي کاڌ خوراڪ جون شيون مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو ڪن ۽ ذخيره اندوزي کان پاسو ڪن. هن عوام کي اپيل ڪئي آهي تہ ضلعي انتظاميہ جي مقرر ڪيل اگهن تي شيون خريد ڪن اگر ڪوبہ دڪاندار وڌيڪ اگهہ وٺي تہ ان جو اطلاع انتظاميہ کي ڏنو وڃي تہ جئين وڌيڪ اگهہ وٺندڙ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري سگهجي.

بقايا 41 سنڌيار

هجڻ جو انڪشاف ڪراچي ۽ حيدرآباد جي هول سيلرن عام واهپي جون شيوذخيرو ڪري اگهہ چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن مهانگيون شيون خريد ڪري اسان سستي اگهن ۾ وڪرو نٿا ڪري سگهون ان لاءِ يوٽلٽي اسٽورن کي پابند ڪيو وڃي تہ هو سامان غائب ڪرڻ بجاءِ مقرر سستي اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ڏين تہ اسان وٽ ڪوب خريدار نہ ايندو ذريعن موجب واپارين جو موقف آهي تہ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي لاڳاپيل انتظاميا پاران رمضان شريف جي با برڪت مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عام واهپي جون شيون سستي اگهن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ضلعي جي واپارين سان ڪابہ اثرائتي گڏجاڻي نہ ڪئي وئي آهي واپارين موجب تہ هنن اها ڳالهہ واضع ٿي آهي تہ رمضان شريف ۾ مهانگائي جو سبب ڪراچي حيدر آباد جا هول سيلر واپاري آهن جن عام واهپي جون شيون مارڪيٽ مان غائب ڪري ذخيرو ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن شين جا اگهہ بہ وڌايي ڇڏيا آهن واپارين جو موقف هو تہ جڏهن اسان کي مهانگيون شيون ملنديون تہ اسين سستيون ڪيئن وڪرو ڪنداسين واپارين وڌيڪ ٻڌايو تہ اسان کي هول سيل ۾ ڪنڊ 140 روپيا ڪلو ملندي تہ اسان گهٽ ريٽ ۾ نہ وڪڻنداسين پر يوٽلٽي اسٽورتي اها ڪنڊ ماڻهن کي 119 روپين ۾ وڪرو ڪرڻي آهي پر يوٽلٽي اسٽورن تان ڪنڊ سميت چانور گيهہ پتي بيسڻ سميت عام واهپي جون شيون ڪميشن عيوض واپارين کي وڪرو ڪيون پيون وڃن اگر انهن تي ڪنٽرول ٿئي تہ يوٽلٽي اسٽورن تي مقرر سرڪاري اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ملي تہ اسان وٽ ڪو بہ خريدار نہ ايندو فروٽ جي هول سيلر واپارين ڪيلو ۽ بيو فروٽ ڪولڊ اسٽوريج ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري فروٽ هينئر ئي مهانگو ٿي ويو آهي سبزي جي واپارين ٻڌايو تہ ڪراچي ۾ بصر زخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ ڪوٽ پيدا ڪري مهانگو ڪري ڇڏيو اٿن جنهن ڪري هڪ هفتي ۾ بصر 280 روپيا ڪلو ٿي ويو آهي واپارين طرفان هول سيلر واپارين جي من مانين تي ۽ يوٽلٽي اسٽور ڪارپوريشن تي ڪنٽرول ڪرڻ تي زور ڏين تہ جيئن عوام کي رليف ملي سگهي

بقايا 42 سنڌيار

روهڙي تعلقي ۾ نياڻين کي پڙهائيندڙ فيميل ٽيچرز کي چپ رهڻ لاءِ طرح طرح جا حربا هلائي رهيا آهن جنهن ڪري اسان انتهائي خوف ۾ مبتلاءِ ٿيل آهيون حق حلال جي ڪمائي مان زبردستي سان رشوت ورتي وڃي ٿي اهڙي عمل خلاف ڪنهن ايماندار آفيس ڪان انڪوائري ڪرائي نياڻين جي اسڪولن ۾ مقرر هيڊ مسٽريسز کان قرآن پاڪ تي بيان ورتو وڃي تہ حقيقت سامهون اچي ويندي لکيل خط ۾ هنن وزير اعلا سنڌ سيد مراد علي شاهہ وزير تعليم سنڌ صوبائي وزير اينٽي ڪرپشن سيد ناصر حسين شاهہ چيف سيڪريٽري سنڌ کي اپيل ڪئي آهي تہ نوٽيس وٺي.

